शुभ दीपावली

SINDHI GULSHAN F-13, Charbagh Market LUCKNOW - 226 019 Regd. No. 6673/68 Price Rs. 20.00

Volume 123 Oct. - Dec. 1997

Published by N. K. Kewalramani on behalf of Sindhu Samaj, Lucknow Phone : 450877
Printed at Modern Printers, 10, Ghasiyari Mandi, Lucknow. ☎ 228686, 285202.




" मुझे यह अच्छा नहीं लगता, जब कुछ लोग कहते हैं कि हम पहले भारतीय हैं और बाद में हिन्दू अथवा मुसलमान। मुझे यह स्वीकार नहीं है। धर्म, संस्कृति, भाषा तथा राज्य के प्रति निष्ठा से ऊपर है – भारतीय होने की निष्ठा। मैं चाहता हूँ कि लोग पहले भी भारतीय हों और अंत तक भारतीय रहें – भारतीय के अलावा कुछ नहीं।"

– भीमराव अम्बेडकर

महान देशभक्त को जन्म-दिवस के अवसर पर
प्रदेश की श्रद्धांजलि

सिन्धी गुलशन द्वारा निःशुल्क
पुनः प्रकाशित



लखनऊअ जो लाखीणो लाल


श्री होलाराम थधाणी

अनन्त में समाइजो वियो

श्री होलाराम थधाणी लखनऊ जे सिन्धुयुनि जो रूह रिहाणु हो, हिन साहब यू० पी० सिविल सेक्रेट्रेट में रेवन्यू डिपार्टमेन्ट में सेक्शन आफीसर जे पद ताँ 1990 में रिटायर कयो । हिन जिन्दगीअ में काफी लाहियूँ, चाढ़ियूँ, दिठियूँ । तकलीफनि खे मुँहु दीन्दे बि हू हमेशा खिलन्दो रहियो । हिलिणे मिलिणे सुभाव जे करे पहिंजे दोस्तनि में सदा प्यारो रहियो । बियनि जे मदद करण लाइ सदाईं तैयार रहन्दो हो, लखनऊ जे केतिरयुनि सिन्धी संस्थाउनि सां संदसि लागापो हो । खास तोर श्री हरिओम मंदिर, सिन्धू समाज सखर पंचायत सां हुनजो तमाम घाटो सम्बंध हो । इएं त कहिंबि संस्था जो को बि नन्ढो वदो कमु हून्दो हो त हमेशा खुशीअ सां मदद करण लाइ तैयार थी वेन्दो हो, इन लाइ रात या दीन्हु, देर सवेर न दिसन्दो हो। सिन्धू समाज लखनऊ जे कलचरल बिभाग जो त हू रुह रिहाण हो । को बि प्रोग्राम हुनखां सवाइ थियणु ई मुश्किल थी पवन्दो हो । श्री हरिओम मंदिर जो सत्संग सेक्रेटरी बणियो त मंदिर जे सत्संग प्रोग्रामनि में चार चंड लगी विया। पाण संगीतकार हो पर संगीत टोलियुनि ठाहिण में बि माहिर हो । लखनऊ में सिन्धी क्लास लगाइण में हुनजी महिनत दाद लहिणों । सखर पंचायत "जे भगत कंवर राम निर्धन सहायता समिति" जो कन्वीनर हो । शिव शान्ती आश्रम आलमबाग सां बि संदसि सुठो लागापो हो ।

हुन जे हिन फानी दुनिया छदण खां पोइ सिंधी समाज में हिकु वदो खालु रहिजी वियो आहे जहिंजो भरिजाण तमाम दुखियो आहे । सिंधू समाज, सिंधी गुलशन परिवार संदसि ओचित देहान्ते ते शोक थी जाहिर करे एं परमात्मा दर वेन्ती आहे त संदसि आतमा खे शांती बखशें एं संदसि पुट अर्जुन एं सुपुत्रयुनि रीता एं संगीता खे हिन गम जे दुख सहण जी शक्ति दे ।

सम्पादक



सू० एवं जन सं० विभाग, विज्ञापन स० 4017/29-9-97 SG/123/97

स्थापना १९५९

सिंधी गुलशन

(सिन्धू समाजे जे सहारे)
(टिमाही साहितिक पत्रिका)

अंक १२३ अक्टूबर-दिसम्बर १९९७

चन्दो

	लखनऊ	ॿाहरि(भारत)	विलायत
सालियानो	४० रु०	५० रु०	२५० रु०
ॿिन सालनि लाइ	७५ ,,	९० ,,	४५० ,,
लाईफ़ मेम्बर	४०० ,,	५०० ,,	२००० ,,

पतोः- १३, चार बाग मार्केट, लखनऊ - २२६०१९
फोन नं० ४५०८७७

Cover Design : Creative Point Lucknow

सम्पादकीय

असीं सिंधी ऐं राॼनीती

अॼु जीवन जे हर हिस्से में राॼनीतीअ जो दख़लु आहे। असीं चाहियूं, न चाहियूं, राॼनीती पंहिंजो असरु असांजी रोज़ानी ज़िदगीअ ते बि ॼमाए वेठी आहे। असां जे मुल्क में प्रजातंत्रु आहे। उन लाइ बि राॼनीतीअ खां वाक़ुफ़ु थियणु हर देशवासीअ जो फ़र्जु आहे। जे असां खे कामियाबु जीवनु गुज़ारिणो आहे त पंहिंजा फ़र्ज निभाइणा आहिनि ऐं हक हासुलु करणा आहिनि ऐं उन्हनि जी सलामती बि रखिणी आहे। उन लाइ राॼनीती ऐं ख़ासतोरि अॼु जी राॼनीती में दिलचस्पी वठणी पवंदी ऐं उन में बहिरो बि वठणो पवंदो न त असां जे वजूद (हस्ती) ऐं कारगुज़ारीअ खे ख़तरो अची सघे थो।

असीं सिंधी रवाजी तरह राॼनीतीअ में हिस्सो न वठंदा आहियूं। मुल्क ऐं प्रदेश में कंहिं प्रदेश में पार्टीअ जो राॼु आहे, उन सां ख़ासि मतलबु न रखंदा आहियूं। नतीजो पैसे जी हालति कुछु ठीकु हूंदे बि असां मुल्क में ॿिएं दर्जे जा नागरिक ॻणिया वेंदा आहियूं। न असां खे पंहिंजो परॻणो आहे न विधान सभाउनि, लोक सभा में असां जा एविॼी आहिनि। जे असां जे दुखनि सुखनि खे सरकार अॻियां पेशि कनि। मुसीबतूं अचनि, को दांहं बुधण वारो कोन्हे। नतीजो बेवसि थियो वञूं। पंहिंजी महिनत सां जो कमायो अथऊं, उहो बि सलामत कोन्हे। पंहिंजा फ़र्ज असीं सिंधी बख़ूबी निभायूं था। सरकारी कानून जो पालनु करियूं या। टैक्स ड्रियूं था, मुल्क जे वाधारे में पूरो हिस्सो वठूं था। पोइ बि जे वाजिबी हक जे सभिनी खे मिलनि था उन लाइ बि ॿाड़ाइणो थो पवे। धंधे जे सलामतीअ लाइ दरि दरि भटिकिणो थो पवे। ताज़ो बड़ोदे में सिंधियुनि जा पुराणा दुकान डाहिया विया।

अजमेर धर्मस्थल डाहिण जी कोशिश कई वेई। को बुधण वारो कोन हो। जिनि पार्टियुनि खे असां वोटु डियूं, चंदा डियूं उहो बि अणबुधो कनि। शाहूकार पंहिंजो कमु देई वठी पूरो कराईनि। पर विचों ऐं हेठियों तबको पियो धिका खाए। के थोरा सिंधी राजनीती पार्टियुनि में चढ़ियल बि आहिनि। किनि सुठनि पदनि ते बि आहिनि। उहे चवनि असां पंहिंजे पार्टियुनि जे नियमनि ते हलंदासीं जिनि असां खे चूंडियो आहे। उन्हनि जो पहिरीं ख़्यालु रखंदासीं। ज़णु असां मुल्क जा रहवासी ई कोन आहियूं। अजु जातिवाद ऐं प्रांतवाद जो ज़ोरु आहे। हरको लोक सभा या असेम्ली मेम्बरु पंहिंजे परगिणे, पंहिंजी पार्टीअ या जातीअ लाइ ज़िमेवारु आहे। अजु माण्हूअ जे ईमादारीअ ऐं महिनत जो कदुरु घटि आहे। हू घणा वोट डियारे सघे थो, घणो चंदो कठो करे सघे, उहो लाइकु मञियो वञे थो ऐं का बि पार्टी उन खे पंहिंजी टिकेट चूंडुनि में डिए थो।

असीं आहियूं त तइदाद में चङा। हिसाब सां लोक सभा में असां जा पंज या छह मेम्बर हुजणु खपनि। पर लोक सभा हिकु बि मेम्बरु कोन्हे, जो कंहिं बि हंधि असां एतिरे तइदाद में आहियूं ई कोन जो लोक सभा जी सीट जीते सघूं। के जगहियूं आहिनि, जीअं महाराष्ट्र में उल्हास नगर, गुजरात में अहमदाबाद, राजस्थान में अजमेर वग़ेरह। उते अलगि अलगि पार्टियुनि में हुजण करे असांजा वोट विरहाइजी था वञनि। जे को सिन्धी असेम्बली मेम्बरु चूंडिजी बि आयो, त बि उन खे वरी डपु थींदो त पार्टीअ वारा इएं न चवनि त सिंधियुनि सां पासिख़ातिरी थो करे। पाण सिंधियुनि खां पियो मुंहुं लिकाईंदो। असां जो लालकृष्णु आडवाणी साहिबु आहे। फ़ख़ुरु बि आहे त हू हिक वडी पार्टीअ जो लीडरु आहे। पर हिन सजण खे बि सिंधियुनि लाइ कुछु चवणु वणंदो कोन्हे। अलाए छो। पोइ उन गंभीर मसइले जो हलु कहिड़ो?

हलु आहे। जीअं असां साहित्य जे खेत्र में के अखिल भारतीय संस्थाऊं ठाहियूं आहिनि। घणो न त बि थोराई साहित्य जे खेत्र में पाणु मोखियो आहे ऐं सरकारी मदद बि मिले थी। उन तरह राजनीती खेत्र में का संस्था ठहणु जरूरी आहे। के असर वारा सिंधी हर परगिणे मां कठा थियनि जे सिंधियुनि जी राजनीती हकनि लाइ कमर कशीनि। भली सिंधियुनि जी राजनीती पार्टी न ठहे। पर उहे असर वारा सिंधी उहो त करे सघनि था। पंहिंजे परगिणे, पंहिंजे नगर जे सिंधी नगर वासियुनि खे कठो करे इएं ज़ोरु डियनि त सिंधी वोट उन पार्टीअ खे मिलंदा। जा पार्टी कुछु सिंधियुनि खे चूंडुनि में टिकेटूं डींदी ऐं सिंधियुनि जे वाजिबी हकनि खे डियारींदी ऐं उन्हनि जी सलामतीअ लाइ यतन कंदो। जीअं दलित जाती सुजागु थी आहे। पंहिंजे वोटनि जी अहिमियत समुझी आहे। उन्हनि जा के नेता काशीराम ऐं मायावती जहिड़ा निकरी निरवारु थिया आहिनि त राजनीतीअ में उन्हनि जो कदुरु थियो आहे। इहो ज़रूरी कोन्हे त बिल्कुलु उन्हनि वांगुरु असां जी नीती हुजे। पर इन्साफ़ु, त खपे न। लाइकी ऐं तइदाद जे अनूसार सरकार में असां खे हिस्सो मिलणु खपे। असां वटि अहिड़ा लाइकु महिनती नेता आहिनि। राज्य सभा जो आज़ाद मेम्बरु श्री सुरेश केसवानी इन डिस में पाणु पतोड़े पियो। ज़रूरत आहे त इन सां गडु बिया बि शामिलु थियनि। असां सिंधियुनि खे राजनीती हक हासुलु करण लाइ अगिते वधिणो पवंदो। जरूरत पवे त विधान मूजिबि के सख़्तु कदम खणणा पवंदा न त डांदनि जे लड़ाईअ में असीं लताड़िजी वेंदासीं। ताज़ो जयपुर जे समेलन में अखिल भारत सिंधी बोलीअ ऐं साहित सभा जे नेताउनि श्री कीरत

बाबाणी, माल्ही, जस्टसि इंद्रसेन भानू प्रताप शास्त्री, सुरेश केसवाणी ऐं बियनि बि अहिड़ा ख़्याल ख़लीअ तोर जाहिरु कया आहिनि। उन्हनि वीचारनि खे अमली जामो पहिराइण जो जल्दु कदमु खणी का राजनीती हकनि लाइ पार्टी ठाही वञे। उन में जिनि जगहुनि ते सिंधी सुठे तइदाद में रहनि था, उतां जे किनि नेताउनि खे शामिलु कयो वञे। उन जो प्रचारु पिणि ज़ोरदारु कयो वञे। मुल्क जो राजनीती माहोलु अहिड़ो आहे, जो लोक सभा ऐं किनि प्रांतनि में जल्दु आमु चूंड थियण जो घणो इमकानु आहे। जे पाण जागंदासीं ऐं कुछ कंदासी त कुछु मिलंदो। न मिले त वठणो पवंदो। आवाज में दमु हूंदो, असां यकिमुश्तु थी वोटनि वो उपयोगु कंदासीं त राजनीती पार्टियुनि जा लीडर असां वटि पाण कही ईंदा त असां खे छा खपे? अचो त सुजागु थी हिकु थियूं।

राधाकृष्णु आलमचंदाणी

३१-१२-१९९७ मुख्यु सम्पादकु

हास्य चुटकला

हिकिड़ी छोकिरी ढाढी चटोड़ी हुई। पर ग़रीब हुई। मिठाई हलवाईअ खां ओधरि ते वठी खाईंदी हुई। उनजे भाउ आइसक्रीम वारे खां आइसक्रीम ओधरि ते खाईंदी हुई। शादी करे उन हलवाईअ घर में आई। उनजो घूंघट खोलायाऊं त हलवाई ऐं आइसक्रीम वारो सुञाणे उनखे चवण लगा असांजी ओधरि डे। हूअ पेरें पई चवण लगी मां तव्हांजी नूंहं आहियां, पाण तव्हां मूंखे ख़र्ची डियो।

देवकी बचानी
हाथी भाट्टा, अजमेर

गुरु नानक शाह

१. गुरु नानक शाह निरंकारी,
वञां सद् सद् मां बलिहारी,
कलयुग जो अवतार हुएं तूं,
ज्ञान संदो गुलज़ारु हुएं तूं,
भक्तीअ जो भंडारु हुएं तूं,
तो प्रेम जी ज्योती बारी,
गुरु नानक शाह निरंकारी।

२. नामु प्रभूअ जो जपियो जपायो,
तो मुक्ती मार्ग अची बतायो,
प्रेमियुनि खे तो पारि लगायो,
तो सच्च जी बेड़ी तारी,
गुरु नानक शाह निरंकारी।

३. हीणनि जो हमराहु हुएं तूं,
शाहनि जो बाबा शाहु हुएं तूं,
नियावनि जो थाउं हुएं तूं,
भगतनि जी पैज संवारी,
गुरु नानक शाह निरंकारी।

४. दूर कयो अज्ञानु अंधेरो,
अचण ते थियो नओं सवेरो,
आशा मन में आयो फेरो,
थी चौधरि बाग बहारी,
गुरु नानक शाह निरंकारी,

दयालु आशा

गुरु नानक जयन्ती जे मोके ते

मज़ाकी गीत

राणी वञु न छदे

'वासदेव निरमल'

राणी वञु न छदे बासण मां मलींदो सांइ,
बासण मां मलींदो सांइ, बुहारी मां पाईंदो सांइ,
राणी वञु न छदे.................

१. रोज़ु सुबह जो चांहि काढ़ींदुसि,
चांहि काढ़े भाञी चाढ़ींदुसि,
मां पाण ई ख़ुदि फुल्का वेलींदो सांइ ।
राणी वञु...............

२. बबलूअ खे बोतल मां डींदुसि,
बेबीअ खे स्कूल छदे ईंदुसि,
तिनि जूं चढियूं भी मां धोईंदो सांइ ।
राणी वञु...............

३. मूंखे छदे जे पेके वेंदीअ,
पतीअ खे पिंगलो बणाए वेंदीअ,
छदि ज़िदु तुहिंजूं सभु ग़ाल्हियूं मञींदो सांइ ।
राणी वञु...............

४. अम्मा न ब़ीहर कुझु भी चवंदइ,
भेण बि ग़ाल्हि न काईं चवंदइ,
इन जी निरमल पक लिखी डींदो सांइ ।
राणी वञु न छदे...............



तन्हा

(हिक हिक सिट जी कविता)

❋ जेलु त नंडिड़ो जेलु आ, वड़ो जीअण जो जेलु ।
❋ ख़्वाहिश आहे अधु ज़िंदगी, चिंता आ अधु मौतु ।
❋ निर्धनु भी धनवानु आ, जे न झुकाए कंधु ।
❋ मेम्बर पालीमेंट जा, भारत जा भग़वान ।
❋ लखपती लुछंदा रहिया, घाटी निंड फ़क़ीर ।
❋ कारे धन जे दान मां मंदिरु बणियो महान् ।
❋ धर्म धर्म जे विच में नफ़रत जी दीवार ।

– हरी दिलगीर

चुटकला

हिकु शराबी नशे में धुत नाले में किरी पियो । नाले में हिकु सूअरु वेठो हो । सूअर जो पुछु पकड़े शराबी चवण लग़ो राजूअ जी माउ तूं त रोज़ु जूड़ी ठाहींदी आहीं । अजु तो चोटी छो ठाही आहे ?

❋❋

हिक दफ़े हिक छोकिरी, पंहिंजी सहेलीअ ऐं कुते खे वठी नदीअ में सनानु करण लाइ वेई । छोकिरी नदीअ में सनानु करण लग़ी । उनजो कुतो केड़ांहुं भञी वियो । उन कुते जो नालो "कुछु कुछु" हो । सहेलीअ चयो, "तुंहिंजो कुछु कुछु भञी वियो आहे ।" छोकिरी जल्दीअ में बिना पूरा कपिड़ा पाए ग़ोल्हण लग़ी । हिक पान जे दुकान जे भरिसां हिकिड़ो सूरदासु कारो चश्मो पाए बीठो हो । छोकिरीअ उनखां पुछियो भाई साहब ! तव्हां मुंहिंजो "कुछु कुछु" डिठो छा ? उन सूरदास चयो मां तव्हां जो कुछ बि कोन डिठो आहे । छोकिरी अग़ियां हलंदी वेई । उनखे हिकु माण्हू मिलियो । छोकिरी उनखां पुछियो तव्हां मुंहिंजो "कुछु कुछु" डिठो आहे छा ? माण्हूअ जवाबु डिनुसि त मां त तव्हांजो सभु कुछु डिसी वरतो आहे ।

असांजे देश भारत जा तीर्थः—

असांजो देशु भारतु तीर्थनि जी भूमी आहे। देश जे उत्तर ड्खण ओभर (पूर्व) ओल्ह (पश्चिम) में पवित्र नदियूं, सरोवर, पवित्रु नगरियूं, मठ ऐं मंदिर आहिनि। ही स्थान देश में आध्यात्मिक एकता कायमु कनि था। पंहिंजे देश खे समुझण लाइ इन्हनि जी ज्ञाण ज़रूरी आहे।

ब्राह्मांड पुराण में पंजनि ख़ासि खेत्रनि जो मानु आहे।

नासिक-प्रयाग-पुष्कर-नेमतारण ऐं गया।

चार धामः-

(१) बद्रीनाथः-ही हिमालय पहाड़ ते आहे। हरिद्वार खां ३८४ कि. मी. परे आहे। समुंड तल खां १०५०० फुट मथे आहे।

(२) रामेश्वरुः-ही ड्खण में समुंड किनारे ते कन्याकुमारी जे वेझो आहे। हिन जी स्थापना भगवान राम लंका जीतण खां अगु कई।

(३) द्वारिकाः-ही गुजरात प्रांत जे प्रभास क्षेत्र में (काठियावाड़) में ठहियलु आहे। हिन खे भगुवान कृष्ण ठहिरायो हो।

(४) जगन्नाथ पुरीः-ही उड़ीसा प्रदेश में समुंड किनारे ते आहे। हिन मन्दिर में श्री कृष्ण जे आसे पासे बलराम सुभद्रा जूं काठ जूं मूर्तियूं बिराजमानु आहिनि।

चार कुंभ मेले जा स्थानः-

(१) हरिद्वारः-हिते हर ब्रारहें साल गंगा किनारे कुंभ जो मेलो लग्ंदो आहे जड्हिं सूरज मेष राशि ऐं बृहस्पति कुंभ राशि में अचनि था।

(२) प्रयागः- जड्हिं वृहस्पति वृष राशि ऐं सूरज मकर राशि में हुजनि था, तड्हिं त्रिवेणीअ जे किनारे माघ महीने में हर ब्रारहें साल कुंभ जो मेलो लग्ंदो आहे। छहें साल अध कुम्भी मेलो बि लग्ंदो आहे।

(३) उज्जैनः-पवित्र शिप्रा नदीअ किनारे ते कुंभ जो मेलो लग्े थो जड्हिं ब्रृहस्पिति सिंह राशि ऐं सूरज मेष राशीअ में अचनि था।

(४) नासिकः-पवित्र गोदावरी नदीअ जे किनारे ते हर ब्रारहें साल कुंभ जो मेलो लग्ंदो आहे ब्रियनि जग्हुनि ते हिकु महीनो पर नासिक में सज्रो सालु मेलो लग्ंदो आहे।

चार शंकर मठः-

आदी जग्त गुरु शंकराचार्य भारत जे चइनी दिशाउनि ते चार शैव मठ बर्पा कया। (१) गवढ़ाल क्षेत्र में ज्योति मठ (२) जगन्नाथ पुरीअ में गोवर्धन मठ (३) कर्नाटक में श्रृंगेरी मठ (४) द्वारका में शारदा मठ।

पंज सरोबरः-

इएं त भारत में घणाई सरोवर ऐं नंदियूं आहिनि, पर पुराणनि में पंजनि सरोवरनि जो महात्तमु आहे (१) उड़ीसा जे भुवनेश्वर नगर में बिन्दु सरोवर (२) गुजरात जे कच्छ में नारायण सरोवर (३) हिमालय में मानसरोवर (४) राजस्थान जे अजमेर नगर में पुष्कर सरोवर (५) कर्नाटक तुंगभद्र नदीअ जे ड्खण पम्पा सरोवर।

सत नदियूंः-

स्नान करण वक्त भारत जे सतनि नदियुनि जा नाला वरता वेंदा आहिनि। गंगा-यमुना, सरस्वती, ग्रोदावरी, नर्बदा, कावेरी ऐं सिन्धू। इन्हनि खां सवाइ उत्तर जी सरजू, मंदाकिनी ऐं ड्खण जी कृष्णा बि मशहूर आहिनि।

सिंधी समाज जे दुख जो दस्तावेजु 'अझो'

मोहनु बड़ोदा में गुजराती दया भाई पटेल जे ब्रीड़ीअ कारखाने में ब्रीड़ो ठाहिण जो कमु थो करे । मोहन जो पिता ग़रीबु आहे । मोहन खे संदसि पीउ चवे थो त हू दया भाईअ खां ब्रिनि हज़ार रुपयनि जे कर्ज़ ड्रियण लाइ चवे । मोहनु, दया भाईअ खे वेनती थो करे, "मुहिंजी नंढी भेण वड्री थी वेई आहे" दया भाई चयो त हू भेणु खे कारखाने में वठी अचे । ब्रियनि ज़ालुनि सां गडु हूअ भली कमु करे । मोहन जवाबु ड्रिनो त "हू भेणु जे कम लाइ नथो चवे । असां ज़ालुनि जे नौकरीअ जे ख़िलाफ आहियूं । हू हुन जी शादी करण थो चाहे इन लाइ खेसि ब्र हज़ार रु० कर्ज़ु खपनि ।" इन विच में मोहन ऐं दया भाईअ जे विच में कुछ गर्मागर्मी थी वेई । सेठ चयो "मूंखे ब्रियो कुछु ब्रुधिणो कोन्हे । तव्हां सिन्धियुनि खे रोज़गार ऐं शरण ड्रियण जो इहो मतिलबु कोन्हे त असां तव्हां जूं सभु ज़रूरतूं पूरियूं करण जो को ठेको खंयो आहे तव्हां त सिंधु मां भज़ी आया आहियो । सुभाणे मुंहिजा पैंसा खणी भज़ी वञो त मुंहिजा पैंसा केरु वापसि कंदो ?"

इन वक्त मोहन जी उम्र २४ साल आहे । ६ सालनि जो हो जो सिन्धु मां आयो हो । १८ सालनि खां पोइ बि मकानी माणहुनि में सिन्धियुनि लाइ इहा बदिगुमानी ड्रिसी खेसि दिलि ते गहरी चोट पहुंती । सेठ जा अखर उन लाइ ज़णु तेज़ाबु हुआ । हीउ सेठ जो तानो संदसि लाइ हिक कटार हो जा हुनजे वजूद खे टुकिड़ा टुकिड़ा करे रही हुई । छा सिन्धी ख़ुदि भज़ी आया हुआ ? देश जो बटवारो सिंधियुनि खां पुछी कयो वियो हो ? हीअ बटवारे जी मुसीबत त सिंधी जातीअ मथां ज़ोरीअ थोपी वेई हुई । मोहन जो जिगरु जली वियो । मथे में ज्वालामुखी फाटण लग्री ।

मोहन खे यादि हो त मोहन जे ड्राड्रे मोहन जे पीउ खे सिंधु न छड्रण जी सलाह ड्रिनी हुई । हुनजो ड्राड्रो ऐं ड्राड्री अञा बि सिंधु में रहिया पिया आहिनि । काश हू बि सिंधु में रही पवनि हा त इहो भाज़ूकड़ु शब्दु त न ब्रुधिणो पवे हा । पर सिंधी हिंदुनि खां पोइ कहिड़ो ज़ुलमु कयो, इहा हितां जे माणहुनि खे कहिड़ी ख़बर ? मोहनु स्वाभिमानी हो । हुन

सत पर्वत:-

भारत जे उत्तर में हिमालय, विन्धाचल, उड़ीसा में महेंद्र गिरि, कर्नाटक में मलय पर्वत, महाराष्ट्र में सह्याद्रि गुजरात में रैवतक ऐं राजस्थान में अरावली ।

यारहां रूद्र:-

शास्त्रनि में भगवान शिव जा यारहां ख़ासि रूप बयानु कयल आहिनि । हरहिक जो अलग्र नालो आहे । अहिब्रध्न, त्वष्ठा, विश्वरूपहर, बहुरूप, त्र्यम्बक, अपराजित, शंभु, कापर्दी, रैवत ।

ब्रारहां ज्योतिलिंग:-

(१) श्री केदारनाथ (२) विश्वनाथु (३) वैद्यनाथ (४) औंकारेश्वर (५) श्री महाकालेश्वर (६) सोमनाथ (७) श्री नागेश्वर (८) त्र्यम्बकेश्वर (९) भीम शंकर (१०) श्री घुमेश्वर (११) मल्लिकार्जन (१२) श्री रामेश्वर

★—★

दया भईअ जी नौकरी छदे दिनी। कल्याण कैम्प में आयो जिते ब्री महाभारी युद्धि खां पोइ अंग्रेजी सेना खां खाली कयल बैरकुनि में सिंधियुनि खे गाह भूसे वांगरु भरियो वियो हो।

कल्याण में घणा सिंधी हुआ। उते मेंघ-राज ब्रीड़ीअ वारे वटि खेसि नौकरी मिली वेई। पर मेंघराज जो कंहिं ख़ूनु करे छदियो। मोहनु वरी बेकारु थी वियो। पर जल्दु ही हिक मद्रासी दोस्त सुन्दरम जे मइरफत चांदी ब्राई कालेज जी कैन्टीन में खेसि मैनेजर जी नौकरी मिली वेई। नौकरी कंदे बि हुन पढ़णु चाहियो थे, पर नौकरी करे या पढ़े पर किनि छोकरिनि जे मइरफ़त हुन कालेज जी लाइब्रेरी मां इतिहास जा किताब पढ़णु शुरू कया। ख़ासि तोर सिंधु जे इतिहास जो चङो अभ्यासु कयो।

हिक दींहुं कैन्टीन में हिक ग़ैर सिंधी शागिर्द सिंधी शागिर्द खे ग़ालिह ग़ालिह में चयो "असां तव्हां सिंधियुनि खे जे पाण वटि शरण न दियूं हा त तव्हां फ़कीरनि वांगुरु जेकर पिनो हा। सिंधी शागिर्दु ज़ाण न हुजण जे हालति में कोई जवाबु न दई सघियो। पर मोहन खां रहियो न थियो। हुन ग़ैर सिंधी शागिर्द खे ललकारींदे चयो त तुहिंजो चवण जो मतलबु छा आहे? छा भारत जो बटवारो असां सिंधियुनि करायो? थोरनि राजनीतीं नेताउनि पाण में मिली करे बिनि राष्ट्रनि जो सिद्धांतु कबूल करे सिंधी जातीअ खे पंहिंजे मात्रभूमी छदुण लाइ मजबूरु कयो। तव्हां खे ख़बर कान्हे त असां सिंधियुनि कहिड़ा दुख सही पंहिंजू मिलकयतूं छदे बुखिया प्यासा रही हिननि बैरकुनि में अची वासो कयो आहे। असां हिति भारत जे हिस्से मां आया आहियूं, बिए धारए मुल्क मां लदे न आया आहियूं। असां खे हिन मुल्क में अहिड़ा ई हक आहिनि जेके तव्हां खे। पोइ बि असां खे पसुनि वांगुर बैरकुनि में रखियो वियो आहे। उहो खाधो थो दिनो वञे जो जेकर जानवर बि न खाइनि। हाणे बुधायो त असां जो दोहु कहिड़ो? असां बि मुल्क जी आज़ादो लाइ लड़िया आहियूं। कुर्बानियूं दिनियूं आहिनि।

इतिहासु साखी आहे त भारत ते जदहिं बि विदेशियुनि हमला कया। सिंधियुनि ई सिकन्दर खां वठी अरबी ईरानी, पठाण, इसलामी जातियुनि सां लड़ाई कई ऐं भारत खे हज़ारनि सालनि ताईं ग़ुलामीअ खां बचायो। इएं चवंदे हुन हिक गुजराती शागिर्द दे इशारो करे चयो। गुजरात जो नालो बि सिंधु जे हिक कबीले गूजर तां पियो आहे। सिंधु जी काठिया कौम ते काठियावाड़। सिंधू नदीअ जे किनारे ते वेदनि जी रचना थी।

इन विच में उन कालेज जी हिक अमीर सिंधी छोकिरीअ शोभा सां प्यारु थिए थो। शोभा जो पीउ मोहन खे पाण वटि घर जो नाठी बणिजी रहण जी रिथ दिए थो। पर मोहनु स्वाभिमानी आहे हू इहा रिथ कबूलण लाइ तैयारु कोन्हे, त हू माउ पीउ ऐं भेण खे छदे पाण महल में अञो वठे। शोभा जे प्यार खे छदे बम्बई वञी नौकरीअ जी ग़ोल्हा में भटिके थो। सोचे थो असां सिंधी सभु छदे आया आहियूं, पर स्वाभिमान जो असां जी सिंधी संस्कृतीअ जो अहमु हिस्सो आहे कोन छदींदासी कंहिं जे अग़ियां हथु न फैहलाईंदासी। जे असां खे बि पंजाब ऐं बेंगाल जियां सिंधु जो कुछु हिस्सो मिले हा त जेकर इएं निधणिका न थियूं हा। हिक जग़हि ते नौकरी मिलेसि थी। पर उते मालिक खेसि शराब में पाणी मिलाइण लाइ थो चएसि। इन्कारु करण ते ख़ेसि ख़ूब मार पवे थी। आख़िरि संदसि प्रेमिणि शोभा हिक असपताल में खेसि अची ग़ोल्हे लहे थी। शोभा जी सेवा ऐं मद्रासी दोस्त सुन्दरम जी मदद सां हू ठीक थिए थो ऐं वापसि कल्याण

सजु़ण तूं म छदे़जि, जीआं तुंहिंजे आसरे

राम पंजवाणी

कराचीअ कचहरी रोड ते मामा महल जे पासे में कराची किलबि हुई । हाणे बि हूंदी पर जंहिं वक्त जो मां ज़िकिरु थो करियां, तंहिं वक्ति किलबि जो नालो वदो हो । पीर ऐं मीर, सरि ऐं नवाब, शेख ऐं सैद, वज़ीर ऐं अमलदार, बीठल दीवान ऐं भाईबंद हिन किलबि जा मेम्बर हुआ । जिनि खे खाइण पीअण जो शौक़ु हूंदो हो, जिनि खे ब्रिजि ऐं टेन्सि लाइ चाहु हूंदो हो ऐं जिनि खे वाकिफ़ियत वधाइणी हूंदी हुई, तिनि खे हिन हंध जी ज़ियारत करिणी पवंदी हुई । कर्नल इन्द्रजीत सां मुंहिंजी वाकिफ़ियत उतेई थी ऐं उतेई वाकिफ़ियत थी कर्नल जे धीअ गीता सां ।

गीता सुन्दरु हुई, जेकद॒हिं चाहियां त ईरानी शाइरनि वांगुरु संदसि हुस्न जी साराह करे सघां थो, हिन्दी कवियुनि वांगुरु संदसि जोभन जी वाखाण करे सघां थो पर मतां शाइराणे विधाअ जो इल्ज़ामु अची वञे, तंहिं-करे फ़क़ति एतिरो चवणु काफ़ी थो समुझां त गीता सरापा सूंहं हुई, हुस्न जी मुजिस्म तस्वीर हुई, जंहिं खेसि दि॒ठो, तंहिं संदसि सूंहं खे सारहायो, नालो ई पइजी वियुसि पंजाब जी परी ।

कर्नल जी इक्लौती धीअ हुई, सूंहं सोभ्या में सवाई हुई पर हुन में रतीअ जेतिरो बि घमंडु कोन हो । गीता फ़हिमीदी, मिठी ऐं सबा॒झी हुई । संदसि मुख मां "आप" "बहिनजी" "भाई साहिब" जहिड़ा अखर दा॒ढा मिठा भासंदा हुआ । थोरेई वक्त में पाण खे प्यारो करे छदि॒याईं । रिली मिली वञण जी ख़ासियत त का खुदाई मिलियल हुअसि । ब्रियनि सुहि-णियुनि खे संदसि सूंहं ते रिश्कु ज़रूरु थियो हूंदो पर पंहिंजे सुठे सुभाव सां सभिनी खे मोहे पंहिंजो करे छदि॒यो हुआईं । सभ सां सिक सां हलंदी हुई, पर संदसि ख़ासु संब॒धु मैना सां ब॒धिजी वियो हो । मैना सां इन्हीअ करे जो हूअ टेन्सि में हुश्यारु हुई ऐं गीता खे टेन्सि लाइ तमामु घणो शौक़ु हो । कराची किलबि जा टेन्सि कोर्ट मशहूरु हूंदा हुआ । ख़ासु खेलाड़ियुनि लाइ ब॒ कोर्ट जुदा हूंदा हुआ, उन्हनि ब॒िनि फ़र्स्ट कोर्टनि में मैना जे मार्फ़त गीता खे रांदि खेद॒ण जी मोकल मिली ।

अची शोभा सां शादी करे माउ पीउ वटि रहे थो ।

हो नाविलु बम्बई जे सिंधी साहित्यकार श्री हरी मोटवाणी सिंधी लिपीअ में लिखियो आहे । हिन में सिंधु मां भारत में अचण वक्ति जा सिंधियुनि जी दुख भरी हालति ऐं मन जी पीड़ा आहे, बयानु कयल आहे । हिन खे देवनागरी सिंधी में फ़ैज़ाबाद निवासी हाणे दिल्ली में सिंधी लेकचरार श्री कर्मवीर टेकचंदानीअ लिखियो आहे, जहिंजो विमोचनु सिंधो गुलशन जे पब्लिशर श्री एन. के. केवलरामी गुज़िरियल २५ मई १९९७ ते फ़ैज़ाबाद जे शाने अवध होटल में हिक सिंधी मेड़ में कयो हो ।

हिन में सिंधी जुवाननि खे ललिकार आहे त पंहिंजी सिंधी ब॒ोली ऐं सिंधी साहित्य खे अपनाईनि जंहिंजो इतिहासु काफ़ी शाहकारु आहे ।

—सरल झाप्रटे-पत्रकार

इन्हीअ टेन्सि जे करे गीता जी द्रिठि वेठि सुन्दर सां थी । सुन्दरु ग़ज़ब जो रांदीगरु हो । कदावरु, जांठो, ठाहूको जुवानु हो, छा त संदसि बीहक हुई । नामकठिए मोटरुनि जे वापारी जो पुट हो, गीता खे सुन्दरु वणियो ऐं सुन्दर खे गीता छिकियो । हुस्न होको डि्नो, इश्क सड्डु ऊनायो, अखियुनि डि्ठो, दिलियूं, चाह चिंगारो लग़ाई, ब्रिनिही तर्फ़नि खे बाहि बराबरि लग़ी ।

गीता ऐं सुन्दरु । जोड़ो लसानी हो । माइटनि खे ऐतराज़ु कोन हो, प्रेमयुनि जो अग्रु में ई इकरारु थियलु हो । माइटनि फ़कति आंइ करे इकिरार जी ताईद कई । मङिणे जी ख़बर ब्रुधी, हर कंहि वाह वाह कई । किलबि में वाधायूं वरी वेयूं । गीता ऐं सुन्दर खे सवनि मुबाकूं डि्नियूं । सुन्दरु त वरी बि मर्दु हो, सो वड्डे वाके "महिरबानी" पिए मञियाईं, पर शर्मीलीअ गीता भुणिके में "थैन्कयू" थे चयो । बराबारे आहे त मर्म वारीअ गीता जे चपनि में आवाज़ु अटिकी थे पियो, पर संदसि ग़िलनि जे ग़ाढ़ाणि ऐं अखियुनि जे चमक सव ज़बानुनि सां थे चयो, "प्रीतमु पातो अथाम जीवन साथी ग़ोल्हियो अथमि, तंहिं करे मूंखे वर वर वाधायूं डि्यो । असां दिली मुबाकूं डि्नियूं ऐं दुआऊं कयूं त जोड़ो दाइमु रहे ।

महीनो सांदहि किलबि में पार्टियूं थे हलियूं । ड्रींहं जो गीता माउ ऐं साहेड़ियुनि सां कपिड़े वठण ऐं ज़ेवरनि ठहिराइण लाइ निकिरंदी हुई ऐं शाम खां वठी अध राति ताईं सुन्दर सां गड्डु पार्टियुन ऐं ग्रुग़िलनि में भाग़ु वठंदी हुई । अजबु आहे त एतिरी हणु हणु कंदे ब्रि गीता थक जा आसार कीन डे्खारींदी हुई । जुवानीअ जो जोशु हो या प्रेम जी शक्ती ! सुन्दर सां मिलंदे ई हूअ पाण खे ताज़ो तवानो समुझंदी हुई ऐं संदसि नेणनि में निहारण सां हूअ पाण में बेपनाह ताकत महसूसु कंदी हुई । सुन्दरु गीता जो गोया प्रानु हो । सुन्दरु गीता जो हथु हथ में वठी ऐं संदसि अखिड़ियुनि में अखिड़ियूं मिलाए, जड्डहिं मुलाइम आवाज़ में चवंदो हो, "अज्रु काल्ह खां बि वधीक सुहिणी थी लग़ीं", तड्डहिं गीता ठरी पवंदी हुई ऐं लड़िज़ंदड़ आवाज़ में उतरु ड्रींदी हुई, "जहिड़ी आहियां तहिड़ी तुहिंजी आहियां ।" सुन्दर जो जवाबु बि कहिड़ो न दिलि खे धीरजु ड्रींदड़ु हूंदो हो । ख़ुशीअ में टिड़ंदो चवंदो हो, "हमेशह मुंहिंजी, जनम जनम मुंहिंजी ।"

जनमु जनमु त परे रहियो, पर सुन्दरु हिन जनम में ई मुंहुं मोड़े वियो । दुख ड्रींदड़ ग़ाल्हि आहे, पर सची आहे । राति जो देरि सां आई हुई, सो गीता सुबुह जो बि देरि सां उथी । उथण सां आईने वटि बीठी । नितु नेम सुबुह जो पहिरीं दर्सनीअ सामुहूं अची बीहंदी हुई, गोया पक करण लाइ त सुन्दर खे चवण मुताबिक काल्ह खां अज्रु वधीक सुन्दरु लग़ां थी ? आईने में निहारिण सां हुन खां हल्को छिकुं निकिरी वियो । चिताए निहारण सां डिज्री वेई । अछो चिटो ! गीता पंहिंजीअ ग़िचीअ ते अछो चिटो डि्ठो । वेचारी दहिलिजी वेई । माउ दिलिदारी डि्नी ऐं पीउ ख़ातिरी डि्नी त चिटी आहे, जा ब्रिनि ड्रींहनि में गुमु थी वेंदी पर छोकिरीअ जो मनु दहिलिजी वियो । ब्र वड्डा डाक्टर अची वार्दु थिया, जिनि तमामु चङीअ तरह तपास कई ऐं पाण में गड्डिजी सलाह मसिलहत कई । सुयूं लग़ियूं, मलम लग़ी ऐं डाक्टरनि गीता खे हर तरह जी दिलिदारी डि्नो पर हुनजो हिरासु कीन हटियो । सुन्दर खे ख़बर पेई त गीता ठीकु कान्हे, सो डोड़ंदो आयो । ड्राढीअ हमदर्दीअ सां पंहिजीअ प्रतीमां जे तंदुरुस्तीअ जी पुछा करण आयो हो । समुझियो हुआईं त ज़ुकामु हूंदो या थकु हूंदो या वधि में वधि तपु हूंदो पर जड्डहिं सची ख़बर पियसि, तड्डहिं मायूसु थी

वियो, अंदर में डपु वेढ़े वियुसि । सोचण लगो, कोढ़ु त कोन्हे ?

कोढ़ु कोन हो पर अहिड़ी चिटी हुई, जो इलाज करण सां फहिलिजण खां त रोकजी वेई, पर पंहिंजो अछो निशानु हमेशह लाइ छडे वेई । सुन्दर खे जडहिं पक थी त अछो निशानु कडहिं बि न मेसारिबो, तडहिं हुन जो मनु फिरी वियो । गीता खे रूबरू कुझु न चई सघियो पर मैना जे मार्फ़त चवाए मोकिलियाईंसि त तूं जेकडहिं चाहीं त बिए कंहिं सां बि शादी करे सघीं थी । गीता सुन्दर खे मन सां चाहियो हो, पर सुन्दर जो प्यारु अखि जो हो । सुन्दर जा सभु वाइदा व्यर्थु ऐं सभु अंजाम अकियार्था साबितु थिया ऐं गीता ऐं सुन्दर जो मङिणो टुटी वियो ।

गीता दुखी हुई, पंहिंजे बेकसि हालति ते । सुन्दरु हुन जे दिलि जी ख़ुशी हो । हुन जे साथ में हूअ वेई उदामंदी हुई । प्रेमु प्रेमियुनि खे पर डेई छडींदो आहे । सुन्दरु ई विछोड़े जो दागु डेई वियो ग्रिचीअ ते अछो दागु ऐं दिलि में विछोड़े दागु । गीता सां ग़ज़बु थी वियो । जंहिंजी सूंहं बि ई, साजनु बि वियो, सा कीअं न दुखी थींदी ?

गुल जहिड़ी गीता हिक महीने में मुर्झाइजी वेई । जंहिंजी सूरत डिसी हिरदे में हलिचलि मची वेंदी हुई, तंहिं खे डिसी अंदर मां दुख जी लहिर लंघे थे वेई । मुंहुं काराटिलु, अखियूं मुरिझायल, चप पीला, सरीरु निर्बलु, ऐं मथे में अछा वार । दुख जहिड़ो को बि मर्जु कोन्हे । मूं खेसि डिठो त विसमै में पइजी वियुसि, गीता छा हुई ऐं छा थी वेई हुई । मूं साणुसि ग़ाल्हाइणु चाहियो पर ग़ाल्हाइणु ल छा, हुनखे राग बुधण जी चाहिना बि कान हुई । गीता जो ज़िंदगीअ मां चाहु निकिरी चुको हो । हूअ दुनिया मां निरासु थी चुकी हुई । जंहिं मनुष जे जीवन मां जसु निकिरी वञे, तंहिं लाइ जीअण ऐं न जीअण में फ़रकु कहिड़ो ? हूअ डींहं काटे रही हुई, उमिरि जा बाकी बेजस, बेसूद ऐं बेमाना डींहं । मुंहिंजीअ दिलि में आयो त जंहिं नाज़िक नींगरीअ जे तन खे एडी तौंस आई आहे, सा जग में घणो वक्तु जाले न सघंदी ।

जडहिं कर्नल इन्द्रजीत डिठो त गीता डींहों डींहुं पौणी पवंदी थो वञे, तडहिं बियो को चारो न डिसी मोकल वठी कराची मां हलियो वियो । सरकारी नौकर पिया अचनि ऐं वञनि । बदिली त सरकारी मुलाज़िम जो डाजु आहे । अगे बि केतिरा अमलदार कराचीअ में आया हुआ, जिनि सां गहिरा नाता बुझी विया हुआ ऐं जडहिं हू बदिली थी विया हुआ, तडहिं हरूभरू एतिरो दुखु कोन महिसूसु कयो होमि, पर हीउ दोस्तु कर्नलु, जिनि हालतुनि में अलविदा करे वियो, तिनि हालतुनि जो ख़्यालु कंदे अंदर में अती दुखु थियो । कहिड़े न दुख भरिए लहिजे में मोकिलाणी कंदे चयो हुआईं "हूंदो हयाती त वरी मिलंदासीं । !"

वरी मिलियासीं, पूरनि सतनि सालनि खां पोइ । दहिलीअ में होसि ऐं कनाट पैलेस में "गैलार्ड" रेस्टारंट में थे घिड़ियुसि त मुंहं में कर्नलु गडियो यकिदमि सुञातोमांसि ऐं पाण बि प्रेम सां चयाईं, 'तूं ! प्रोफ़ेसर हिते ! तूं त बम्बईअ में प्रोफ़ेसरु आहीं न ? हिते कडहिं अचणु थियो ? कहिड़ी न ख़ुशीअ जी ग़ाल्हि आहे जो मिलिया आहियूं । असां वटि कडहिं ईंदें ? गीता सां कोन मिलंदें ?"

कर्नलु मूंखे डिसी डाढो ख़ुशि थियो हो । घणीअ ख़ुशीअ में या जबान बंदि थी वेंदी आहे या बेझल थी पवंदी आहे । मर्दनि जूं जबानूं खुली पवंदियूं आहिनि ऐं हू पंहिंजा उमंग उछल सां ज़ाहिरु करे सघंदा आहिनि ।

कर्नलु ख़ुशि ख़ुल्कु ऐं यारवेसु त अग़े बि हो, सो संदसि हिन आजियां ते मूंखे अजबु कोन लग़ो। शाम जो वक्तु हो, मूंखे जो का ख़ासु मशग़ूली कान हुई, सो रेस्टांरंट में वञण जे बजाइ साणुसि गद्दिजी संदसि घरि आयुसि कर्नल सां गद्दिजी ख़ुशी थी हुअमि, पर अंदर में ख़ुशी हुअमि जो गीता सां मिलण जो मोको थे मिलियुमि। घर में घिड़ण सां कर्नल पुछियो, "पहिरीं चांहि पीअंदें या गीता सां गद्दिबें ?"

मूं सुभावीकि वराणियो, "गीता सां गद्दिबुसि।"

कर्नल ऐं संदसि धर्मपत्नी मूंखे साणु करे ड्राइंग रूम खे लताड़े पुठिएं पासे वारे कमिरे द्रांहुं वधिया। मुंहिंजे कननि ते मधुरु आवाज़ु पहुतो। कहिड़े न मिठे आवाज़ में कंहि वेठे ग़ायो :

रंग माणले प्यारियां। यह जीवन न नोहला।
भया पुराणा चोला हऊं वारियां।
धन जोभन और फुलड़ा नाठीअड़े दिन चार,
तऊं भी वञां द्रुमिणी,
रोआं झीणे ब्राण हऊं वारियां रंग।

ब्रेकिड़ियलु दरु खोले अन्दरि आयासीं। गीता तंबूरे खे छेड़े धुनि में वेठी हुई ऐं शब्दु ग़ायाई :

रंग माणले प्यारियां।

गीता जेकद्दहिं असां खे द्दिठो त बि राग़ु बंदि कोन कयाईं। वद्दे प्रेम ऐं सिदिक सां वेठे ब्राणी उचारियाईं। केद्दो न दर्दु हो हुन जे आवाज़ में ! कहिड़े न कोमल भाव सां वेठे कीर्तनु कयाईं, हीअ कराचीअ मां उसहण खां अग़ु वारी गीता कान हुई।

कराचीअ में अचण वक्ति, जा सुहिणी गीता मूं द्दिठी हुई, तहिं खां बि वधीक सुहिणी थे लग़ी। मुंहुं जिनसो ब्ररियुसि थे। पेशानीअ चिमिकाट थे द्दिनसि। रूहानी रोशनी संदसि चहिरे ते चिटी चिटी थे बखी। हीअ आत्मिक उन्नतीअ वारी गीता कराचीअ वारीअ चंचल खां अलहद्दी हुई। असीं चुपिचापि वेठा रहियासीं, जेसीं गीता कीर्तनु बंदि करे, वचनु वठी फारग़ु थिए। गीता गंभीरु पर पहिंजाईअ वारे आवाज़ में आउ भाउ कई। का महिल मंदर जे शुद्ध वायू मंडल में वेही ग़ाल्हियूं कयूंसी। गीता ख़ुशि हुई, हर तरह आनन्द में हुई। गीता, जा सुन्दर खे खोहिण सां सभु कुछु खोहे वेठी हुई, सा सुखु कीअं ग़ोल्हे सघी हुई ? हुन सुखु पातो हो, साईंअ जे चरननि में। दुनिया में कंतु कूड़ो साबितु थियो हो. हाणे हुन उहो कंतु पातो हो, जो हमेशह सहाइ हुजे। संसार जा भतार मरंदड़, हुन भतारु कयो हो अबिनासी। नामुराद गीता जो मनु मालिक जे चरननि में कीअं लग़ो ?

कर्नलु कराचीअ छद्दिण खां पोइ दहिलीअ में आयो। ब्र साल नौकिरी करे सघे हा, पर धीअ जी हालत द्दिसी पेन्शिन ते आयो। हिक द्दींहुं संदसि मोटर सां हादिसो थियो। हादिसो ख़ौफ़नाकु हो, पर कर्नलु बची वियो। घर में साहिबनि जो पाठु रखायाऊं गीता हूंअ त कंहिं बि ग़ाल्हि में दिलिचस्पी कान वठंदी हुई, पर हिन दफ़े भाई तेजासिंघ जे कीर्तन ऐं कथा मां मज़ो अचण लग़ुसि। हूंअ बि दुखी गीता जे अन्दर मां दुखु आहिस्ते आहिस्ते हटंदो थे वियो ऐं दुख नफ़िरत खे जाइ द्दिनी हुई। नफ़िरत मां घणनि वक्तनि ते वैराग़ु उत्पनु थींदो आहे। भाई तेजासिंघ जे समुझाणीअ गीता जे गुप्तु जज़्बे खे जीअरो कयो। हुन जे मन मां नफ़िरत बि निकिरी वेई। नफ़िरत वधण सां नास्तिकपणो उत्पनु थींदो आहे ऐं नफ़िरत घटिजण सां प्रभूअ लाइ प्रेमु। गीता ते ख़ासु असरु थियो गुरू ग्रंथ साहिब में रामकलीअ जे वार पौड़ी नम्बर १४ जे सिलोक पहिरिएं जो। कहिड़ीअ

न दिलि भिज़ाईंदड़ तर्ज़ में भाई तेजासिंघ महिला पहिला उचारियो हो ऐं कहिड़नि न न असरदार द्दिष्टांतनि सां उन्हीअ सिलोक जो अर्थु समुझायो हो ।

"इन्द्र रुनो, परशुराम रुनो ऐं राजा अजय रुनो । लक्ष्मण ऐं सीता जे वियोग़ में श्री रामचन्द्र रुनो । जिनि सां स्वामी साणु हो, तिनि मज़ूरी कंदे पांडिवनि रुनो । सीता खे छल सां खणी ईंदड़ ढ़हनि सिसियुनि वारे रावण रुनो राजा जनमैजइ रुनो । अन्तकाल जो डपु कंदे शेख़नि, मुशाइख़नि ऐं पीरनि रुनो । राजा भरतरीअ रुनो । घर घर मां बिख्या पिनंदे राजा गोपीचन्द रुनो । कंजूस धनु विञाए रुनो । पंडित ज्ञानु गंवाए रुनो । स्त्रीअ भतारु विञाए रुनो । नानिक ! दुख में सज़े संसार रुनो । सभुको रुनो, पर राम नाम जपण वारो न रुनो । राम मनिण वारो जीत पाए वियो. हिन संसार में ब्रियो को बि कंहिं ब्रिए कर्म सां पाए न सघियो ।

भाई तेजासिंघ जद्दहिं भिनल आवाज़ में चयो हो,

'मन नांइं सोईंज़णि जाइ, ओरे कर्मु न लेखे लाइ ।'

तद्दहिं गीता जे मन मां बिजिली घुमी वेई हुई । वञे त वद्दनि व्याख्याणनि बुधंदे बि उमिरि अजाई वञे, पर जे महिर धरे त पलक में पर्चो थिए । गीता जे मन में ख़ुशी उत्पनु थी वेई । उहो द्दींहुं उहो शींहुं, मनु खणी मालिक सां लग़ायाईं । जीअं वेई ब्राणी सिरवणु कंदी, तीअं वेई संदसि अन्दर में ख़ुशी वधंदी । सोन जी खाणि मिलण सां जेकर केद्दी न ख़ुशी मिले। गीता खे आत्मिक ख़ज़ाने जी मालिकी मिली वेई हुई । केद्दांहुं वियो दुखु ऐं केद्दांहुं वेई नफ़िरत ? प्यारु सचे प्रीतम लाइ, प्यारु सचे कंत लाइ ।

"तुम सु कंत, नारि हम सोई ।" गीता खे भतारु मिली मिली वियो हो, जो जग़ जे भतारनि खां निरालो हो । पंहिंजे साजन जे सुहिबत में हूअ सुखी हुई । सुखु संदसि मुंहं मां पधिरो हो । सुखी मनुष जे मुंहं जी महक ई पधिरी । हुन वटि पैसो हो ऐं पैसे जे कारणि केतिरनि शादीअ जूं आछूं कयूं हुयूं, पर हरिण शींहं जे चंबे मां हिक वारि छुटी वरी शींहं जे चंबे में अचिणी कान हुई । सभु कूड़ु, फ़कति साईं सचो । संसार सां टोड़े साईंअ सां जोड़ी ।

वाह वाह कंतु त अहिड़ो । गीता उहो वरु चूंडियो हो, जो न रुसे, न काविड़िजे, न ऐब द्दिसे, न बदिनामु करे, न मरे, न दुखु रसाए । गीता जी जीवन कथा बुधंदे ई हरदे में शाह लतीफ़ जो हिकु बैतु हुरी आयो ऐं हींअर बि पियो हुरे—

सज़ण तूं म छद्देजि, जीआं तुंहिंजे आसिरे,
सभेई पाड़ूं सूर जूं लहिज़े में लाहेजि,
मुंहड़ो कीन मटेजि, मुल्क मटियो तां घोरियो।

★—★

चुटकला

सीताः- गीता तूं हमेशहं सिधी सींध छो कढंदी आहीं ?

गीताः- छो त मुंहिंजो दिमाग़ु बराबरि ब्रिनि हिसनि में विराहयलु रहे । ★

कमलः- पंजूमल डाक्टर खेः- डाक्टर साहिब मां ब्रियनि डाक्टरनि जूं घणियूं डिग्रयूं द्दिठियूं आहिनि, पर अव्हां जी डिग्री एल. के. एम, पी. जी डिग्री किथे न द्दिठी आहे इन जो छा मतलबु आहे ।

पंजूमल डाक्टरः- इन वद्दी डिग्री जो मतलबु लटिकी लटिकी मेट्रिक पासि ।

— श्यामु रोहिड़ा जानी

भीमो थरी

डाक्टरु हरूमल सदारंगाणी

भीमे में गुण त ब्रिया बि घणा आहिनि, पर सफ़ाईअ जो गुणु सभिनी खां सर्सु अथसि। वांदिकाई मिलेसि सहीं, पोइ बुहारी ऐं पाण अची जाइ खे लगंदो। पकसिरी जगह कान्हेसि, ख़ुदाई पट ते भग्रल टुटल पुराणियुनि सिरुनि जे चौदीवार में तदुनि, टूहनि ऐं फाटल ग़ूणियुनि जे छिति हेठां थी रहे। सो उन्हीअ ख़ुदा जे पट मां धूड़ि बि का इलाही कुदिरत सां निकिरे, बाकी हैदराबाद जे म्यूनिसिपालिटी जी जाइ न आहे। आहे त भीमो बि अवरिचु। बुहारी पाए पियो छिणिकारु कंदो, छिणिकारु करे पियो बुहारी ड्रींदो।

भीमो पोरिह्यतु आहे। नितु नेम असुर जो उथी हलियो वञे। सञो ड्रींहुं बांहूं हणी, मुंहं ऊंदाहीअ जो माग्रि मोटे। चङो मशहूरु माण्हू आहे। मूंखे खातिरी आहे त अव्हां मां घणनि खेसि ड्रिठो हूंदो, पर जिनि न ड्रिठो हुजे, उहे बि खेसि सवलाईअ सां ड्रिसी सघनि था।

ऊन्हारे में चालीहे जे वक्ति, जड्रहिं धरतीअ ते टांडा पिया वसंदा हुजनि ऐं झोले जे झड़प खां बचण लाइ अव्हीं टोपिलनि ऐं छटियुनि हेठां सिरु लिकाए, तकिड़ो तकिड़ो घर ड्रांहुं मोटंदा हुजो, तड्रहिं जेकड्रहिं को माण्हू मथे पेरें उघाड़ो, बांहूं ठोकींदो, मज़े सां विख वधाईंदो, लूअ तेज़ीअ खे सामुहूं पवंदो ड्रिसो, त समुझो त उहो भीमो थरी------ या जड्रहिं माण्हू घुट ऐं बुट खां कखनि जा पखा खणी कुदिरत सां जंगि जोटे रहिया हुजनि, कालेजी जुवान ऐं कुमारियूं हवा जे ड्रूटे वास्ते जबल जे मैदान ते "राईट् लेफ़्ट" करे रहिया हुजनि, ठीकु अहिड़े वक्ति जेकड्रहिं हैदराबाद जे ओभर तर्फ़ कंहिं ऊंदाहीअ झूपिड़ीअ में टपिड़ीअ टुकर ते कंहि इन्सान खे मूननि में मुंहुं विझी वेठलु ड्रिसो, त उहो भीमे थरीअ खां सवाइ ब्रियो कोन हूंदो............ या सियारे जे समे जड्रहिं असीं देशी फ़ैशन मूजिबि, हथ कछुनि में लिकाए, मथे में होलु चाढ़े, मग़िरबी तहज़ीब जो नकुलु उतारींदे, सूट जे खीसे में हथु विझी, ग़िचीअ में मफ़िलर लटिकाए, सुईटर मथां कोटु ऐं मथांउसि ओवर कोटु चाढ़हे, उतर जे सर्दु हवा खां बचण लाइ कुंड कुड़िछ ग्रोल्हींदा हुजूं, तड्रहिं को मांझी मुड़िसु उन्हीअ सर्दु हवा खे हिकारत आमेज़ निगाहुनि सां चीरींदो, टंगुनि में विलाइती फ़ैशन जो हिकु मेरो कछो लटिकाए, बदन ते लीड़ूं थियल ख़मीस पहिरे रस्ते जे बिन्ह विचां आकड़ि मां हलंदो, पंहिंजे बहादुरीअ जो सबूतु ड्रेई रहियो हुजे, त समुझो त उहो ज़रूरु भीमो हूंदो।

पर जेकड्रहिं इन हूंदे बि खेसि सुञाणण में तकिलीफ़ थिएव त संदसि हिक ब्री निशानी आहे, जंहिं सां खेसि ज़रूरु सुञाणी सघंदा। कंहिं बि इन्सान जे ग़िचीअ में अटिकल ग़िरांठि खनु डिघे नोड़ीअ टुकर सां पोस्ट आफ़ीस जो सेविंग बैंक जो पासिबुकु, तावीज़ वांग्रुरु लटिकियलु ड्रिसो, त बिना खुटिके समुझो त भीमो थरी आहे। कुझु वक्तु अग्रे उन्हीअ पासिबुक जे जाइ ते ग़ूणि टुकर में सिबियलु हिकु दस्तावेज़ु पियो लटिकंदो होसि। ख़बर न आहे त उन दस्तावेज़ में छा पियो हो! मगरि भीमो उन खे हमेशह साह सां सांढींदो हो। को माण्हू वाट वेंदे, जेकड्रहिं रुग्रो ड्रांहुंसि खणी निहारींदो हो, त उमालक दस्तावेज़ खे सोघो झले, उन खे

ॿिनिही हथनि में लिकाइण जी कोशशि कंदे वठो डुक पाईंदो हो । शायदि समुझंदो हो त हू मूंखां इहो फुरणु थो चाहे । "छोकर छितीअ जाति जा, भूं भूं कनि भग़ति में ।" से भला अहिड़ीअ आसामीअ खे किथे था छडींनि ऐं हुननि खे अहिड़ो सणिभो ग्राहकु त मौला मिलाए । सो वेचारो भीमो अञा नज़र ई कोन ईंदुनि, त वठो सीटियूं वजाईनि ऐं कंहि ॿिए खे सदु करे चवंदा - "ओ फ़लाणा, ओ टीरा, अड़े भोमो थरी पियो अचेई ।" ऐं भीमो----.... वेचारो ग़रीबु, छोकिरनि खां अहिड़ो छिरिकंदो हो, जो किथे ॿिनि चइनि ज़णनि जो मेड़ाको ड्रिठाईं त लहिराए वेंदो या त परियां ई वठो डोड़ पाईंदो, पोइ भली त हुननि जो ड्रांहुंसि ध्यानु न बि हुजे । मगरि जेकड्रहिं को ॿियो चारो न ड्रिठाईं त वठी वाका कंदो : "साईं मूंखे बचायो - साईं मूंखे मारीनि था.......... चवनि था त ग़िचीअ मां ही लाहे ड्रे । "मुंहिंजी पहिरीं मुलाकात साणुसि ऐन् अहिड़े मौके ते थी हुई । मां भला कहाणियुनि जो शौकीनु, सो अहिड़ीअ दिलिचस्प हस्तीअ खे किथे थो छड्रियां ! पासीरो वठी वञी हालु अहिवालु वरितोमांसि ऐं साणुसि हमदर्दी ज़ाहिरु कयमि । हाणे त वेचारो जड्रहिं मूंखे ड्रिसे, तड्रहिं परियां ई डोड़ंदो अची रामु राम करे गड्रिजे ।

हिकिड़े ड्रींहुं मां पंहिंजे हिक दोस्त सां पिए वियुसि त मुंहं में गड्रिजी वियुमि । चयोमांसि "भोमा यार, ख़बरि करि, कहिड़ो हालु आहे ?"

मूं सां ॿियो ज़णो ड्रिसी, पहिरियाईं अलिबति हॿिकियो, पर पोइ त अची बहिर में पियो । चे: 'साईं, पैसा मेड़ियमि --.......चोर आया........सभु कुभु ॿुहारे विया ।"

मुंहिंजो संगिती, जो अग्रे साणुसि कड्रहिं बि गड्रियो न हो, तंहिं इहा ग़ाल्हि ॿुधी पुछियुसि "चोर केड्री महिल आया ?" यकिदमि वराणियाईं "साईं, ॿिन्ह ड्रींहं जो, जड्रहिं सिजु अञा ॿिनि सुयुनि में हो । बसि ज़ुल्मु करे विया । मूंखे मारे मुंहिंजो उल्हो तल्हो खणी विया । मूं घणेई कूका कयूं, पर साईं, ग़रीब जी केरु थो ॿुधे ऐं साईं, असां माण्हू खाऊं ग़ाढ़ा मिर्चं ऐं जूअरि जो ढोढो .... छठि छमाहीअ लसीअ लप मिली त छेहु थियो । असां लेखे पुलावनि जूं सिकूं लाथियूंसीं । केतिरा न कशाला कढी, पंद्रह रुपयूं कठियूं कयमि पर लसूस लुटे वया ।"

मूं बि रंगु ज़माइण सांग्रे चयो, "अड़े, ओड़े पाड़े में कंहि खे दांहं छो न थे ड्रिनइ ? पुलिस केड्रांहुं वेई हुई ?"

"साईं, पाड़े वारो बि को ॿुधे त दांहं ड्रियां । ग़रीब जो ओही न वाही । पुलिस वटि बि साईं फरियादु खणी वियुसि पर उन्हनि त माग्रेही अहिड़ियूं अखियूं ड्रेखारियूं ऐं धमिकायुमि जो बसि ! चवनि, पकिड़ियो इस्पतालीअ खे । साईं, अंधेरु चइञो बग़दादु ! कुतो बि उन खे ड्राढ़े, मोचिड़ा बि उन खे लग़नि ! ही मूरिग़ो "उल्टा चोर कोटवाल को डांटे" वारो किसो थियो । माग्रेही मूं ग़रीब खे काठ में थे विधाऊं । सो साईं, मिठी बि माठि, मुठी बि माठि करे, मुंहुं मथो पिटींदो, घरि मोटियुसि। पर साईं, इहो ज़ुल्मु बि को हिकु दफ़ो थियो हुजे त ठहियो - टे दफ़ा साईं ! बराबरि टे दफ़ा, उन्हनि चोरनि फुरियो अथमि । हाणे त उहा जुवानी बि कान्हे, कमाई बि घणी घटिजी वेई आहे ।"

ॿ टे महीना थिया त रस्ते गड्रियो । ख़ुशि ख़ैराफ़ियत खां पोइ चयाईं, "दीवान साहिब, हेड्रे सारे अंग्रेज़ जे राज़ में असां ग़रीबनि लाइ को अहिड़ो हंधु हुजे, जिते पैसा रखूं ! चोर जे भला हिरिया आहिनि, टे दफ़ा जावा कया अथनि, से त हाणे मुंहिंजी पुठि कीन छड्रींदा ।"

तंहिं ते पुछियोमांसि, "वरी पैसा कठा कया अथेई छा ?"

"साईं, मिड़ेई ब टे रुपयूं, बियो असीं ग़रीब हज़ार थोराई मेड़ींदासीं ?

मूं खेसि पोस्ट आफ़ीस में पैसनि रखण जी सलाह डिनी। भीमो वेचारो भोरिड़ो, हुन खे कहिड़ी ख़बर त पोस्ट आफ़ीस कहिड़ी बला थींदी आहे ! हुन खे टपाल जी सा एतिरी ख़बर आहे त उतां कार्ड, लिफ़ाफ़ा ऐं टिकिलियूं मिलंदियूं आहिनि। सो हुन लेखे त पोस्ट आफ़ीस को माण्हू आहे। चयाईं, "साईं, जे हू बि मुंहिंजा पैसा खाईं वञे त मां ग़रीबु केड़ांहुं वेंदुसि ?"

मूंखे खिल अची वेई। खेसि समुझाइण जी घणियाई कोशशि कयमि, पर वेचारे खे एतिरी समुझ किथे ! आख़िरि चयोमांसि, "चङो भीमा, सुभाणे मूंसां हलिजि त तोखे पैसा रखाए डींदुसि।"

पहिरीं त मुंहिंजी इहा ग़ाल्हि बुधी डाढो ख़ुशि थियो, पर पोइ हिक़ दफ़ो मूं डांहुं शकी निगाह सां निहारींदे चायाईं, "साईं, पोस्ट आफ़ीस खाई अञे त तव्हीं मूंखे डींदा न ?"

मूं मुर्की चयो, हा वठी डींदोसांइ।"

बिए डींहुं भेञ भिनीज जो, पंज मस लगा हूंदा ऐं मां अञा आरामी होसि त दर ते ठकि ठकि थी।

मुंहिंजी भेण सवेल उथंदी आहे, एडी महिल दर ते खड़िका बुधी वाइड़ी थी वेई। धणीअ खे यादि करे चयाईं, "वाहिगुरू ! सभु सुखु कजांइ। "पोइ उथी वञी दरिवाज़ो खोलियाईं। भीमे यकिदमि पुछियो, "दीवानु साहिबु आहे ?"

"कहिड़ो दीवानु साहिबु ?"

भीमे खे मुंहिंजे नाले जी ख़बर हुजे त बुधाए, सो बेचारो मुंझी पियो। वटांउसि को बि जवाबु न मिलंदो डिसी, मुंहिंजीअ भेण अची मूंखे उथारियो। चयाईं, "डिसु, कंहिंजो माण्हू बीठो आहे ?"

मां अखियूं महिटींदो उथियुसि ऐं बिना मुंहं धुअण जे ई दरिवाज़े डांहुं वधियुसि।

डिसां त भीमो बीठो आहे। समुझियुमि त शायदि रातोकी राति में को शाहींगु पासो डेई वियो अथसि। भीमे जी मूंते नज़र पवणु ऐं साहिबु साहिबु करणु। चयोमासिः "ड़े भीमो आहीं ? बियो त सुखु आहे। हेंडी महिल कीअं आयो आहीं ?"

चयाईं, दीवान साहिब, गुरू महाराजु तुंहिंजो भलो करे .... भग़वानु तोखे वडी उमिरि डिए .... मूं सां गडिजी हलु, जीअं कंहिं खे ख़बर न पवे।"

मूं हैरानु थी चयो, "केडांहुं हलां ?

"साईं एतिरे में ग़ाल्हि विसिरी वियव ? कालह कीन चयुव त मां तोखे पोस्ट आफ़िस में पैसा रखाए डींदुसि ! साईं, लालु साईं तोखे वडी आविरिजा बशिके। तुंहिंजीअ कमाईअ में बरिकत विझे। मूंसां हींअर हलु, हली मुंहिंजा पैसा रखाइ।"

चयोमांसि, "पर पोस्ट आफ़ीस अञा खुली कान हूंदी। डहें बजे खुलंदी आहे, तूं यारिहें बजे अचिजि त मां तोसां गडिजी हलंदुसि।"

पर भीभे खे ऐतिबारु किथे थो अचे ! समुझियाईं त शायदि जिदु छडाइण जी थो करियां, सो चयाईं, "साईं, इएं त मां ग़रीबु मरी वेंदुसि - अञोको डिहाड़ो बि अजायो वेंदो .... कमाईंदुसि न, त खाईंदुसि किथां ? इएं न करि साईं !........... मूं ग़रीब खातरि ब पेर भरे हलंदें त रामा पीरु उन जा भाड़ा

ॾींदुव ।"

मूंखे अंदर में खिल पेईं अचे, पर ॿाहिरां मुंहुं पको करे चयोमांसि, "भीमा, मां कूड़ु कोन थो करियां । तूं शायदि समुझीं थो, त दीवानु नटाए थो, पर इएं न आहे । पोस्ट आफ़ीस में ॾहें बजे खां अगु का ॾेती लेती न थींदी आहे । भीमो लाचारु वापिस वञण लॻो । मूं संदसि मुंहं ॾांहुं चिताए निहारियो .... खेसि मुंहिंजीअ ॻाल्हि ते वेसाहु न आयो हो, इन करे अलिबति निरासु पए लॻो । पर वेचारो ग़रीबु करे छा ? परवसि थी पियो हो । मूं में वद्दियूं आसूं रखी आयो हो । शायदि सज्री राति अखि बि कान लाती हुआईं ।

साढा नव ई कीन लॻा, मां मार्केट करे थे मोटियुसि, त ॾिसां त मुड़िसु घर जो चांउठि चिटायो वेठो आहे । मूंखे मथिसि कियासु आयो । चयोमांसि, "भीमा, अची वएं, मूं पाण तुंहिंजी वाट पए निहारी । फ़क़त ॿ मिन्ट तरिसु त नेरनि करि थो तोसां हलां ।"

मुंहिंजा इहे हमदर्दीअ भरिया लफ़्ज़ बुधी भीमे जो मलूलु मुंहुं गुल वांगुरु टिड़ी पियो । असां जो लफ़्ज़ी हमदर्दी बि भीमे जहिड़नि ग़रीबनि लाइ हिक ग़नीमत आहे । चयाईं, "दीवानु साहिबु, शल दूलह लालु तोखे हमेशह वधि रखे ।" भीमे जा पैसा कीन रखायमि, पर अड़िजी वियुसि । ॿिए टिएं ॾींहुं जे रस्ते ते न मिलसि त ओचितो दर ते धरिनो मारे विहे.... वक्ती कम ते बि कीन वञे ।

पोइ ग़िचीअ में लटिकंदड़ पासिबुक ते हथु रखी चवे, "साईं, पैसा सलामत आहिनि न ? हू पोस्ट बाबू भॻो त कीन वियो ? साईं, ॾिसिजो साईं । मां ग़रीबु आहियां । पाई पाई करे मेड़ी अथमि । अग्र में ॿ टे दफ़ा धक खाधा अथमि । मतां हीउ पीरीअ जो तोशो बि फुरिजी वञे ।"

संदसि इहे ॻाल्हियूं बुधी मूंखे खिल अचियो वञे ।"

चयोमांसि, मां कीन वेठो आहियां । इएं पैसा फुरे वञें त पुलीस में टंगाए छद्दियांसि । भीमा, तूं का बि परिवाह न करि । तुंहिंजी पाई बि मेरी कान थींदी ।"

अटिकल ॾेढ़ु हफ़्तो थियो । शाम जो देवलि वारीअ टकिरीअ ॾांहुं घुमण पिए वियुसि । हीउ यारु बि शायदि को उतां थे मोटियो । परियां ई ॾिसीं, डोड़ु पाईंदो सहिकंदो अची मूंखे गद्दियो । राम राम करे चवण लॻो, "साईं, मुंहिंजा पैसा त सलामति आहिनि न ? ठीकेदार पिए चयो त बैंकूं खुटी वेयूं आहिनि । वद्दनि वद्दनि सेठियुनि ॾेवाला कढिया आहिनि । साईं, इहो सचु आहे ?" मां जवाबु ॾियांसि ई ॾियांसि, तंहि खां अगु वरी चवण लॻो, "साईं, इएं त मूं ग़रीब सां वैलु वही वेदो । भला साईं, ठीकेदार चयो थे त कुझु पैसा मिलंदा ।"

पंद्रह मिन्ट बीही मथो हंयोमांसि । जद्दहिं पक ॾियारीमांसि त पोस्ट आफ़ीस कान खुटी आहे । "जे मर्ज़ी हुजेई त सुभाणे ई पैसा कढाए ॾियांइ ।" तद्दहिं वञी में साहु पियुसि ।

भीमे में ॿी बि हिक ख़ासु ख़ूबी आहे । हू तमामु किफ़ायत पसंदि आहे । ॿियनि मज़ूरनि वांगुरु चांहि, ॿीड़ीअ या सैनेमा जी मार कान्हेसि । अलिबति इन्हीअ किफ़ायत खे कंहिं कंहिं महिल कंजूसाईअ जे हद ते बि पहुचाईंदो आहे । खटंदे कमाईंदे बि कद्दहिं बदन ते पूरो कपिड़ो कीन ढकींदो ।

घर में हिक दांगीअ, ठिकर जे पाटि ऐं दिलीअ खां समाइ ॿियो थांउ कीन रखंदो । झूपिड़ीअ जी सफ़ाई ख़ूबु कंदो, पर उन खे बहितरि बनाइण जी ज़री बि कोशशि कीन वठंदो ।

परु सालि सियारे जा ड्रीहं हुआ । असां थधि खां बचण लाइ कोठियुनि जा दर दरियूं बंदि करे, सिगिरियुनि ते हथ पए सेकिया, त हिन यार जे झूपिड़ोअ जे छिति जे ब्रिरिघलनि मां नीले गगन पए लीआ पाता। अण लिबियल सिरुनि जे विछोटियुनि मां सियारे जे हवा ससुईअ वांगुरु पंहिजे पुन्हल जे फ़िराक में सर्दु आहू भरींदे अची थे उते अझो वरितो । इन्हीअ उमेद में भीमो पाण सतायलु आहे, जरूरु साणुसि ग़मगुसारी कंदो। पर भीमो असां जो अलहलोकु हो, पाण हमदर्दीअ जो सिकायलु, तंहि खे कहिड़ी ख़बर त ब्रिए सां ग़मगुसारी कीअं कजे ! हू सिज लहंदे ई पंहिजो फाटलु टुटलु कम्बलु मथां ओढ़े, ख़ुवाबी दुनिया जा सैर कंदो आहे। मां संदसि इहे अफ़ाल ड्रिसी घणोई समुझायांसि "ख़ुदा जा बंदा, हीउ छा थो करीं ? तोखे सवड़ि न सीउ । गरमीअ जो मणु, सर्दीअ जो तोलो । पैसो पैसो थी वेंदो, को सवलो सिधो कपिड़ो वठी नथो बदनु ढकीं ?" पर हू हमेशह नटाए वेंदो हो । मूंखे संदसि रवशि ते कावड़ि बि ईंदी हुई, पर साग्रिए वक्ति अरिमानु बि थींदो होमि । काल्होकी ग़ाल्हि आहे । राति जे हिक बजे जो शुमारु हो । मां सैनेमा जे सेकंड शो तां मोटियो होसि । मानी खाई कपड़ा बदिलाए, अञा खट ते लेटियो मस होसि त ब्राहिरां कंहिंजे हाइ घोड़ा जो आवाज़ु ब्रुधुमि । वाइड़ो थी वियुसि त हेड्री महिल हीअं केरु थो रड़े । अञा ख़यालु पिए डोड़ायुमि त दर ते खड़िको थियो। मूंखे अगु में ई पूरू पिए पिया त इहो भीमो हूंदो । सो दर ड्रांहुं वधियुसि । बसि, मुंहिंजो दरु पटिणु ऐं भीमे जा विलाप करणु मुड़िस जी रड़ि हेठि, रड़ि मथे पेई पवे । चे: साईं, मां त मरी वियुसि । उन्हनि चोरनि मूंसां वरी जुल्मु करे छड्रियो । पोस्ट जी त साईंअ सुणी .... हू त हाणे ख़ूबु जावा कंदो .... न ड्रींदो त मां ग़रीबु हाणे छा कंदुसि ?" पाड़े वारा बि रोदनु पिटिको बुधी घरां ब्राहिरि निकिता । मां परेशानु त मूरिग्रो मूं ते न बिगिड़नि .... मतां इएं चवनि त हीउ कहिड़ो चरिब्रटु आंदो अथेई, जंहि आधीअ राति अची असां जी निंड फिटाई आहे !

सो खेसि ब्रांहं खां झले कुझु अग्रभरो वठी वियोमांसि ऐं थोरीअ धमिकीअ सां चयोमांसि, "हीअं रड़ियूं कंदे त मां असुलु कुझु कीन बुधंदोसांइ .... सांहसतीअ सां ग़ाल्हि करि त छा थियो आहे ?"

हुन खे भला एतिरो धीरजु किथे ? पर तड्रंहि बि धमिकीअ खां की कदुरि डिनो । थोरो आहिस्ते ग़ाल्हाइण जी कोशशि कंदे चयाईं, "साईं, इहे शाहींग वरी बि फुरे विया ।"

"पर तो वटि हो छा जो फुरे विया ?"

"साईं, अव्हां खे छाहे, जिते बाहि ब्रुरे, उते सेकु अचे । पोस्ट बाबूअ कीन चयो हो त किताबु विञाईंदें त पैसा न मिलंदइ ? हू हाकिम आहिनि, जीअं चवनि तीअं थिए । हाणे त साईं, मां मरी वियुसि । नांग ते पेरु पियुमि, जो पोस्ट वटि पैसा रखायमि .... तंहि खां त जेकर खडु खोटे खणी उन में पूरियां हा ।"

मूंखे हींअर शकु पियो, सो पुछियोमांसि, "तुंहिंजो उहो किताबु किथे आहे ?"

चयाईं, "साईं, उन्हीअ लाइ त रोआं वेठो .... इहो त चवां वेठो त शाहींग खणी विया । हाणे पैसा कीअं मिलंदा ?

"पैसा छो न मिलंदा ? फ़कति हिकु रुपयो ड्रंडु ड्रियणो पवंदुइ ।"

पर पाण वरी बि साग्री ग़ाल्हि पियो करे, "साईं मूंखे पकीअ तरह यादि आहे त हुन पोस्ट बाबूअ मूंखे साफ़ु साफ़ु चयो त किताबु विञाईंदें त पैसा न मिलंदइ ।"

सञो सारो कलाकु मथो हंयोमांसि।

पाड़े जा ॿ टे ॼणा त असां जे पुठियां वधी आया, तिनि बि माजिरा खां वाक़िफ़ु थी समुझायुसि, तॾहिं मस मस सांति आयसि । चयोमांसि "तूं हींअर वञु .... तुंहिंजा पैसा बिल्कुलु सलामति आहिनि । सुबुह जो अचिजि ॾंडु ॾेई तोखे ॿियो किताबु वठी ॾींदुसि ।"

मुंहिंजे अॻियां त हलियो वियो, पर शायदि वरी अध वाट तां मोटी आयो ऐं सारी राति मुंहिंजे दर अॻियां वेही रहियो सुबुह जो दरु खोलियां त कुरूंडिड़ो थियो, मुंहुं गोॾनि में विझियो वेठो आहे । वरी साॻी हथ जोड़ शुरू कयाईं । कदिमनि ते पियो किरे, लीलाए पियो । नेठि जॾहिं ॾहें बजे पोस्ट आफ़ीस में ॾंडु ॾेई ॿियो किताबु कढाए ॾिनोमांसि, तॾहिं मुड़िसु पियो टिड़े, ख़ुशि थिए । पासिबुकु पियो ॻिचीअ में ॿधे ऐं दुआऊं करे । चे, "धणी, ॾहूणां ॻाण ॾींदुइ, मूं ग़रीब जी पोइवारी कई अथेई । साईं, तूं न हुजीं हा, त उहो पोस्ट बाबू मुंहिंजा पैसा खाई वञे हा .... सचु थो चवां साईं । असां ग़रीबनि जी केरु थो ॿुधे ?

जॾहिं पासबुकु ॿधी उथियो । तॾहिं चयाईं, "चङो साईं, मां वञां थो । मूं ग़रीब जी पिया सार लहिजो । साईं, को कमु कारि अथव ? रोज़ु त अजु लगंदो कोन .... इहो ॾींहुं ॿि वियो .... साईं, मूंखे नसीब में रुॻो धिका ऐं बुखूं लिखियल आहिनि ।"

"नसीब में लिखियल कोन अथेई, पर पंहिंजे कए जो को वेजु, को तबीबु ? अकेलो सिरु आहीं । न घरु न ॿारु, मरीं कंहिंजे लाइ थो ?"

चयाईं, "साईं भाइटियो कछ में अथमि । उन्हीअ लाइ पियो कठो करियां ।"

"हेॾी जाखोड़ करे पाई पाई करे वेठो मेड़ीं, तंहिं मां छा वरंदुइ ? तंहिं खां धणीअ जे नाले ते वञी दानु करीं ? वरी ॾिनो ॿनो आहे । ॾे कणो, मिलेई घणो ।

चयाईं, साईं, धणीअ ॾिना बि लख अथमि, जो वतां विरहाईंदो ? असां वास्ते हिते बि ढोढो मिर्चं त उते बि ढोढो मिर्चं । असां जो हदु तकिलीफ़ुनि ते हिरियो पियो आहे । तव्हीं साईं हिते बि पुलावनि ते था हिरो, सो उते बि अव्हां खे सवाद खपनि । तव्हीं भली दानु करियो, असीं ग़रीब कहिड़ो दानु कंदासूं ?"

मूंखे खिल अची वेई । चयोमांसि, "चङो भीमा, हाणे हलूं, देरि थी थिए । पर अॻिते राति जो इएं लुड़ मचायो अथेई त मां पैसा न वठी ॾींदोसांइ । पोस्ट वारे बाबूअ खे बि झले छॾींदुसि, त तोखे पैसा न ॾिए ।"

अहिड़े डप ॾियण खां सवाइ भीमे खां जिंदु छॾाइणु ज़रा मुश्किलु आहे । भीमो ॿ टे विखूं वधी वरी मोटी आयो । चयाईं, "साईं, लालु भलो करेई, अॼु हिकिड़ा ॿ आना त ॾींमि, त वञी का पेट पूॼा करियां । पोइ वही ॾींदोसांइ ।"

मूं ॿियानी कढी भीमे खे ॾिनी । दिलि में चयुमि त हिन कहाणीअ लाइ इहा कीमत का घणी कान्हे ।

संत चांडूराम (लखनऊ) जो जन्मोत्सव

लखनऊअ खे सिन्धी जगत जो धार्मिक ऐं सामाजिक सेवा जा मरकज़ (केन्द्र) बणाइण वारा संत साईं चांडूराम जो जन्मोत्सव संत बाबा आसूदाराम सेवा समितीअ जे साये हेठि २५ अगस्त (जन्मष्टमीअ जे ड्रींह) ते शिव शान्ती आश्रम (आलम बाग लखनऊ) में शान्दार नमूने सा मल्हायो वियो। हिन पवित्र मोके ते आश्रम जे सेक्रेट्री श्री किशनलाल, महामन्त्री विशनकुमार ऐं खजांची श्री संतराम चांदवानी हिक कोठायल पत्रकार सम्मेलन में बुधायो त संत चांडूराम भारतीय परम्परा जे संतनि में हिकु क्रांतकारी संत आहिनि साईं चांडूराम जन पंहिंजे पिता ऐं सत्गुरु साईं आसूदाराम जी इच्छा सां लखनऊ नगर में हिकु सुन्दरु आश्रम जी स्थापना कई आहे। जंहिंजो नालो शिव शान्ती आश्रमु आहे। साईं चांडूराम जन सिंधी जनता में धार्मिक चेतना खां सवाइ सामाजिक सुधार लाइ बि जाग्रती आणण जी कामियाबु कोशिश कई आहे।

हिन्दू धर्म जे प्रचार सां गदु मानव कल्याण लाइ हिन्दू ग्रंथनि ऐं गुरुवाणी जी सरल व्याख्या कई आहे ऐं जातीअ जे चरित्र सुधार ते ज़ोरु पिए ड्रींदा रहिया आहिन। पंहिंजी अमृतवाणी सां सवनि हज़ारनि श्रद्धालुनि जे ततल हृदे खे शांती बख़्शींदा था रहनि। रूहानी उपदेश खां सवाइ दीन दुखियनि जी सेवा, ग़रीब नियाणियुनि जे शादीअ में बि सहाइता कंदा रहंदा आहिनि। ताजो १६ अप्रेल १९९६ (श्री रामनवमीअ जे ड्रींहं) ते आश्रम में २१ सिंधी जोड़नि जो सामूहिक विवाह उत्सवु कयो वियो हो जो अणविसरंदड़ु निज़ारो हो। हू मानव जातीअ जी सेवा खे ईश्वर सेवा सां जोड़े कर्म, भक्ति ऐं ज्ञान जी त्रिवेणी वहाईंदा रहनि था। हिक सच्चे साधक जे रूप में ईश्वर जी सता ऐं उन जी करूणा खे दिव्य मानव रूप में ड्रेखारींदे ऐं उन खे सज़े प्राणी जगत जे सेवक जे रूप में ज़ाहिर करण जो सरल ऐं मिठड़ी ब्रोलीअ में उदेशु ड्रींदा रहनि था। सच्चे ईश्वर भगत जे जीवन में परमात्मा जियां प्रेम, नम्रता, सेवा ऐं दया ड्रिसण में अचे थी पंहिंजे पवित्र ऐं मधुर वाणीअ में इहोई संदेश ड्रींदा रहनि था त दीन दुखियनि जी सेवा ई ईश्वर भक्तीअ जो सच्चो रूपु आहे। सज्री सृष्टीअ जो कल्याण जी कामना करणु ऐं उन जे लाइ कर्मु करणु ई आध्यात्मिकता आहे। मानव सेवा खे सभ खा वड्रो धर्मु मञीदे शिव शांती आश्रम में अब्रिलाउनि, लूलनि लंगिड़नि, सूरदास ऐं बेवाह बुज़ुर्गनि लाइ सेवा आश्रम, गौशाला, ग़रीब सिंधी कन्याउनि जे विवाह लाइ सहायता समिती वग़ैरह जग उपकारी कार्य चालू आहिनि।

अहिड़े संत जो जन्मोत्सवु ड्राढे सिक, श्रद्धा ऐं प्रेम सां मल्हायो वियो। हज़ारनि जे तैदाद में साईं जन जा प्रेमी लखनऊ, प्रदेश ऐं देश परदेसनि मां अची साईं जनि जे दर्शन लाइ ऐं संदनि आशीश वठण लाइ कठा थिया। सज्रो ड्रींहं ब्राहिरां आयल संतनि, महात्माउनि राग़ींदड़नि, कथा वाचकनि संत महिमा, ईश्वर महिमा जी दुर्लभ ऐं अमृतमयी वाणी जी वर्खा कई। संतनि खे सिकनि सां तोरियो वियो ऐं उहो धनु घुरजाऊ भाउरनि भेनरुनि में विरहायो वियो। केतिरा ब्रिया निर्धन सहायता जा कार्य कया विया।

सज्रो वक्तु भंडारो चालू हो। संतनि जो कठोरु आदेशु हो त बि प्रेमी का सूखिड़ी संतनि खे न ड्रे, फ़कति गुल भेट करे। उत्सव जे अंत में ब्रिए ड्रींहं सुबुह जो संतनि मानव कल्याण ऐं आत्म कल्याण जो पवित्र संदेशु ड्रिनो ऐं सज्री संगति पलउ पाए संतनि जी वड्री उम्र जी ईश्वर दर वेनती कई। ही महा उत्सवु जिनि ड्रिठो से गदि गदि थी माग्रि मोटिया।

"سنڌين جي الڳ سڃاڻپ جو مسئلو". بعد جي شروعات ۾ ٻئي مان آيل ساهتڪار موهن گهاٽي ڪئي، جنهن ۾ سورهن اديبن ۽ اديبائن ڀاڱو ورتو. بعد جو پروگرام هو ته، سنڌين جي سچي سڃاڻپ آهي، سنڌ ٻولي ۽ سڀيتا، جنکي بچائڻ، وڌائڻ ۽ ڦهلائڻ لاءِ سڀ جتن ورتڻ گهرجن.

سميلن جو آخري اسم، مشهور فنڪي انيلا سندر جو تيار ڪيل انوکو ناٽڪ - سنڌ منهنجي امان شام جو رونقدار رنگ منچ تي پيش ڪيو ويو، جنهن ۾ سنڌ جي شاندار ماضي ۽ ورهاڱي جي دردناڪ داستان جون جهلڪيون هيون. ڊسنڌي ڪيترن جون اکيون آليون ٿي ويون. ناٽڪ کي شاندار ڪاميابي حاصل ٿي. موقعي تي خاص مهمانن ايشورداس مولراجاڻي، موهن سڪاڻي ۽ موهن گرناڻي ۽ وقت جي سڀاپتي ڪيرت ٻاٻاڻي جو سنڌي ٽوپي، بوڇڻ ۽ خاص تيار ڪيل ٽرافي سان سنمان ڪيو ويو. سندر اگناڻي سڀني جا ٿورا مڃيا.

سواگت ڪاميٽيءَ طرفان اٽڪل ڏيڍ سؤ ڊيليگيٽن جي رهائش ۽ کاڌي جو شاندار پربنڌ ڪيو ويو هو. جئپور وارن جي مهمان نوازي پنهنجي نالي سان آهي. سڀني کي سنڌي، بوڇڻي ڏيئي سنمانت ڪيو ويو. ان کانسواءِ پنڊت پرڪاش ڀاردواج طرفان ٺاهيل سندر پستڪن جي جوڙي سوکڙيءَ طور هر ڪنهن کي ڏني وئي.

جنرل باڊيءَ طرفان سڀا جي وڌان ۾ اهم تبديل ڪرڻ جو فيصلو ٿيو. شري سندر اگناڻي کي سڀا جو نئون پرڌان چونڊيو ويو. رٿ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ڏني. ٽيڪو گوبند مالهيءَ ڏنو. ٿورائتا پرڪاش ٻال ٿيو.

هي پهريون دفعو آهي جو ممبئيءَ کان ٻاهر جو سڀا جو پرڌان چونڊيو ويو آهي.

شري سندر اگناڻي هڪ اُتساهي ڪارڪن، ليکڪ ۽ اديب آهي. اميد ته ايندڙ وقت ۾ هو سنڌي جاتيءَ جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو. هن سميلن ۾ سنڌو سماج سنڌ ڀاران جنرل سيڪريٽري شري ساجن ناٿاڻي، جائنٽ جنرل سيڪريٽري شري ايس ٽهلياڻي ۽ سنڌي گلشن جو پرڌان سمپادڪ شري رادا ڪرشن عالمچنداڻي شريڪ ٿيا. سميلن جي ڪاميابيءَ لاءِ جئپور وارن ڪيريون لهڻيون.

لکنئو سماچار

17 سيپٽمبر 1997 صبح 10-30 بجي شري هري اوم مندر ۾ سپون مخزن جي سمپادڪ شري ٺاڪر چاولا ۽ سندس شريمتي ڀارو چاولا (سنڌي سنگيتڪار ۽ ساهتڪار) جو سنڌو سماج لکنؤ جي پاران سواگت ڪيو ويو. شروع ۾ سنڌي گلشن جي سمپادڪ رادا ڪرشن عالمچنداڻي شري ٺاڪر چاولا ۽ شريمتي ڀارو چاولا جي واقفيت ڏني ۽ خاص ڀائرن ۽ ڀينرن جي به واقفيت ڏني. انهي مانواري اديبن جو سنڌو سماج لکنؤ جي پريزيڊنٽ شري ٽانڪچند ۽ جنرل سيڪريٽري شري ساجن ناٿاڻي گلن جي مالهائن ۽ بوڇڻي پائي سنمان ڪيو. سنڌو سماج جي پهرين پريزيڊنٽ شري سي. ايم آڏواڻي سنڌو سماج جي باري ۾ ٻڌايو ۽ شري ٽانڪچند لکنؤ جي سنڌي ڪارگذارين تي روشني وڌي. ان کانپوءِ شري ٺاڪر چاولا سنڌين جي عام مسئلن ۽ خاص طور ممبئيءَ جي سنڌي حالتن ۽ ڪارگذارين تي پنهنجا ويچار پيش ڪيا. ان کانپوءِ ڀينڻ ڀارو چاولا پنهنجي مڌر آواز ۾ سنڌي ڪلا جو ڳائي سنڌي سنگيت جو لطف وسڪايو. آخر ۾ هلڪو ناشتي ڪرڻ کانپوءِ شري ساجن اديب جوڙي جا ٿورا مڃيا ۽ سماج جي ڪم ڪندڙن سان مهلي ملاقات ڪئي.

مهورت ڪان اڳ، صبوح جو گيتا ڀون جي وڏي هال ۾، جنهن تي گذو ساميتائي هال نالو رکيو ويو هو، سنڌ و درشن نالي سان وشال نمائش جو مهورت ٿيو. شري جيرام روپاڻي مهورت جي رسم ادا ڪئي. ڊاڪٽر چندن سڪاڻي صدر ۽ شري ايشور آڏواڻي مکيه مهمان هئا. نمائش ۾ چاليهن سالن جي هلچل جون تصويرون هيون. ٻين پرسڌ ڪلاڪارن ڏرمداس هيرانندڻي، سرڳواسي ماستر مولچنداڻي ۽ موهن د سيجا جا سنڌ ۽ سنڌيت سان واسطو رکندڙ چتر هئا. سنڌو-نگر مان آيل سنڌيت جي شيوائي روچيرام جا تصويرن جا آلبم به رکيا ويا. اسين سنڌي مخزن طرفان ٻڌي سنڌي سنڌيت سان واسطو رکندڙ سندر تصويرون رکيون ويون هيون.

منجهند کانپوءِ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا ۽ مرڪزي ساهتيه اڪادمي جي گڏيل سهاري هيٺ ليکڪ سان ملو پروگرام ۾ پرسڌ ساهتڪار گوبند مالهيءَ سان ليکڪن جي ڀيٽ ٿي، جنهن ۾ هن انڪل ڏيڍ سؤ اديبن ۽ ادب سان سنيه رکندڙن اڳيان پنهنجي جيون ۽ تعليمي پرڪريا تي ڪافي وستار سان ڳالهايو. بعد ۾ اديبن هن کان سوال ڪيا، جنجا مالهيءَ سهج سڀاءَ ۾ جواب ڏنا.

سيمنار جي پهرين ٻئڪ شام جو ڇهين بجي، پرندڙ وشيه: "سرڪاري ادارا، انهن جو جائزو حاصلاتون ۽ ڪميون پيشيون"، تي ٿيو. صدارت شري ڪيول ملڪاڻي (ايم. پي.) ڪئي. ڪليءَ دل سان پرد يشڪ اڪادميون ۽ نيشنل ڪائونسل جي ڪارڻ تي چنڊ چانڊ ٿي. خاص طور ڪارو بار ۾ ٻلائي، پروگرامن ۾ فضول خرچي ۽ ليکڪن ۾ پيدا ٿيل اڻبڻت ڏانهن ڌيان ڇڪايو ويو. ادارن جي بجيٽ جو گهڻو حصو سنڌي ڀاشا جي سکيا ۽ ڦهلاءَ ۽ نئين ٽهيءَ ۾ جاڳرتي آڻڻ جي بدجائن ۾ خرچيو وڃي. سيمينارن تي اجائي خرچ لاءِ به چيو ويو، ڪوشش ڪري اهي گهٽايا وڃن اهڙي طلب سڀني وٽان هڪ آواز آئي. شام جو اٺين بجي شري جهانگيرام جي بنگلي جي ڪهل آگنڌ ۾ مشاعرو ٿيو، جنهن ۾ انڪل ٽيهارو سنڌي ڪوين ڀاڳ ورتو. مشاعرو خوب ڄميو. صدارت ٻرڪ ڪوي واسديو نرمل ڪئي ۽ سنچالن ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ ڪيو.

ٻئين تاريخ آرتوار ڏينهن شهيد هيمون ڪالاڻي جي سماڌي تي شردانجلي ڏيڻ لاءِ سڀني ڀاڳيگين کي راجا پارڪ سنڌي ڪالوني ۾ آندو ويو، دهل ۽ شهنائن جي سر ۽ تال تي ڀاڳين ۽ ٻارن خوب ناچ ڪيو. پوج امرلعل منڊل جي ڇيڇارين ۽ واه جي موج مچائي. سماروه جو صدر هو شري هيرو راجواڻي، مکيه مهمان گوبند مالهي ۽ خاص مهمان سرپش ڪيسواڻي. هنن صاحبن آزاديءَ لاءِ سنڌين جي قربانين ۽ هيمون ڪالاڻي جي بليدان بابت ڳالهايو. سڀني طرفان سماڌيءَ کي ڦول ڀيٽ ڪيا ويا. امرلال منڊل جي پرڌان جهامنداس سڀني جي نمرڻ جو بندوبست منڊل ۾ ڪيو.

سيمنار جي ٻي ٻئڪ منجهند جو ٽي بجي گيتا ڀون ۾ ٿي. بحث جو وشيه هئي:-

سنڌي جڳت جون سرگرميون

ويهين اکل ڀارت سنڌي ساهت سميلن

ڄئپور جي شاندار سوڀ

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي سهاري سنڌيت جي هلچل جي چاليهين سالگره جي موقعي تي ويهون ساهت سميلن راجستان جي راڄڌاني گلابي نگري ڄئپور ۾ ٥ آڪٽوبر تي وڏي ڪاميابيءَ سان پورو ٿيو. راجستان سرڪار جي مکيه منتري ڀيرو سنگهه شيخاوت، ڀرپور سهڪار ڏيڻ ۾ سميلن جو مهورت ڪندي، سنڌي سنسڪرتيءَ کي ساراهيندي چيو ته سنڌي سنسڪرتي ئي ڀارت جي سنسڪرتي آهي، جنهن جي حفاظت ڪرڻ ۽ وڌائڻ اسانجو فرض آهي. پنهنجي سرڪار جي نيتيءَ کي چٽو ڪندي چيائين، سنڌي ڀاشا کي راجستان ۾ اسان مانيتا ڏني آهي ۽ ان جي ترقيءَ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪنداسون. سڀاپتي ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي هجت ته سنڌي ڀاشا سان پورو نياءُ نه ٿي رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته ڀارت جي پارليامينٽ ۾ هڪڙو به سنڌي جاتيءَ جو عيوضي ڪونهي جيڪو سنڌيت لاءِ زوردار آواز اٿاري، مکيه منتريءَ چيو ته ڀارت جي راشٽرپتيءَ لاءِ هڪڙو عريضو تيار ڪريو، ان ۾ پنهنجو سڀ ڪيس بيان ڪري، هڪ وفد تيار ڪريو، جنهنجي مان اڳواڻي ڪندس ته سنڌي جاتيءَ جي ڪنهن نامور ساهتڪار کي پارليامينٽ ۾ نامزد ڪيو وڃي. مان شري ايل. ڪي. آڏواڻيءَ تي به زور آڻيندس. مونکي خاطري آهي ته اوهانجو ڪم ٿي ويندو. حاضرين اهڙي قسم جي پڌرائي جي زوردار تاڙين سان آجيان ڪئي. ٻروقت اهڙي گهر بابت ٺهراءُ پاس ڪيو ويو. جسٽس اندر ايسراڻي ٺهراءُ پيش ڪيو ۽ پارليامينٽ ميمبر شري سريش ڪيسواڻي ٺهراءُ جي پٺڀرائي ڪئي.

شروع ۾ منتري مهوديه جهو ليلا جي مورتي اڳيان جوت ٻاري ۽ گلن جو هار پيش ڪيو. شريمتي روپ گيهاڻي سنڌي قومي ترانو - آنندي ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي - ڳايو. سواگت ڪاميٽيءَ جي چيئرمين شري جهانگيرام سيٺي جي آجيان ڪئي ۽ ڪم ڪندڙن جا ٿورا مڃيا. جن سميلن کي سوڀارو ڪرڻ ۾ مدد ڏني هئي. موقعي جي مهمانن سرو شري ڀانو ڪمار شاستري، اندر ايسراڻي: سريش ڪيسواڻي، پنهنجا ويچار پيش ڪندي، انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو ته سنڌي راڄنيتي طور ڪمزور آهن تنهن ڪري کين انصاف ملڻ نٿو ٿيوي. کين ايڪمشت ٿي زوردار هلچل هلائڻي پوندي. آخر ۾ شري سندر اگناڻي، سواگت ڪاميٽيءَ جي جنرل سيڪريٽري شڪر گذاريءَ جي رسم ادا ڪئي.

غـــزل
موهن اداسي

١- ٻوڙن کي ڇا کولي ٻڌايان؟
گونگي کي ڪيئن سمجهايان؟
٢- هيءَ بستي آهي انڌن جي -
ڪنهنکي ڪنهنکي راه رسايان.
٣- ايشور الله آهي هڪ ئي -
ڇٽي ڇٽي ڇا، گهڻو وڃايان؟
٤- ڪڻ ڪڻ ۾، مڻ هاڻيءَ ڏي جو -
ڪيئن سڀني کي ساکيات ڪرايان.
٥- هر دل ۾ هاهاڪار مچل آ، اڄ -
ڪٿ ڪٿ پهچي ڀاه وسايان؟
٦- ڪڪر ڪارا گڏ ٿيندا وڃن پيا -
هيءَ تعصبي سايا، ڪيئن مٽايان.
٧- ورهين کان جنگ آهي ته اجايل -
سنڌو- جل ڪيئن "موهن" پايان؟

ڪير ڪنهنجي واسطي....

ڪير ڪنهن تي هلي ٿو ڪنهنجي واسطي،
ڪير جئي ۽ مري ٿو ڪنهنجي واسطي،
ڪرشڻ سنگهاسن ڇڏي لهي،
ڀ ڪيو هو سداما جي لاءِ
ڪير اڄ انهن ڪري ٿو ڪنهنجي واسطي،
اهو ته انهن جنهن اجايل جي حالت ڏسي
آئي د يا
نه ته درياه ڪڏهن رڪي ٿو، ڪنهنجي واسطي،
پنهنجي خوشي لاءِ هرڪو ٿو ٽري
گل جيان ٽري ٿو ڪير ڪنهنجي واسطي؟
ديش شيوا جون ڳالهيون ته هرڪو ٿو ڪري،
پر ڪير هيمون جيان قربان ٿئي ٿو وطن واسطي؟
انهن ته گهڻا چوندا آهن ته جيڪر هيئن ڪريون
پر ڪير ٿو جئي انهن ڪرڻ واسطي؟
سنڌي ته گهڻا ٿا سڏايون پاڻ کي
پر ڪير ٿو جئي اصل سنڌيت واسطي؟

پرسنگ ڪٿا

آهي ننڍڙي پر....
معمولي ماڻهو

- ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي. رشيا ۾ هڪ عورت ٽرين مان هيٺ لٿي تڏهن هن تمام رعب سان هڪ سادي سوُدي لڳندڙ ماڻهو کي سڏ ڪيو، "اي ڀائي، هيڏانهن اچ!"

اهو ماڻهو سندن ڀرسان آيو. ان عورت سندس هٿ ۾ هڪ لفافو ڏيندي چيو، "هيءُ لفافو فلاڻي هنڌ تي پهچائي اچ ته مان توکي ٻه روبل ڏيان."

اهو ماڻهو لفافو وٺي ڏنل ائڊريس تي پهچائي آيو ته عورت کيس ٻه روبل ڏنا.

اهو ماڻهو روبل وٺي واپس وڃڻ لڳو تڏهن اوچتو عورت کي لڳو ته هن ماڻهوءَ کي هن ڪٿي ڏٺو آهي. ترت ئي کيس ياد اچي ويو، تڏهن هوءَ ان ماڻهوءَ کان معافي وٺڻ لڳي.

"مون توهان کي معمولي ماڻهو سمجهي ٻه روبل ڏنا. مهرباني ڪري مون کي پئسا واپس ڏيو."

ان ماڻهوءَ جواب ڏنو، "ڏسو، ته هان مهنجي ڪم مان راضي نه هجو ته وري ڪڏهن مونکي ڪم نه سونپجو پر مهنجا محنت سان ڪمايل پئسا مون کان واپس نه گهرو."

اهو ماڻهو ٻيو ڪوئي نه پر رشيا جو مشهور سنت ۽ ساهتيڪار ليو ٽالسٽاءِ هو.

ٺيڪ ٿي اچي نه ته روز هيڏا پاپڙ ويلڻا پون. هر وقت ته هن جي تندرستيءَ ۽ وڏي عمر لاءِ ٿي ڪيو ويندو آهي. سوچي ساڌورام رسوئيءَ ۾ گهڙيو ته ڪلاڪ ڪانپوءِ جڏهن سنيتا موٽي ٽڏهن ٿي هن کي ڇڏي ملي.

سنيتا رسوئيءَ جو ڪم جيئن تيئن لاٿو ۽ ڦان ٿي اچي بستري تي ڪري. مٿو سور ۾ پئي ڦاٽس.

ساڌورام همدرديءَ وچان پڇيس، "پاڻي پيئندينءَ؟"

سنيتا چيو - "نه نه، سنجها ڪانپوءِ هاڻي پاڻي به ڪونه پيئبو."

ساڌورام چيو - "مان ٿو چوان، زمانو چنڊ تي پهچي ويو آهي ۽ توهان انهن ٿي پراڻن ويچارن ۾ جڪڙيون پيون آهيو. ڀلا چانهه پيئڻ ۾ ڪهڙي برائي آهي؟ جيڪو ماڻهو ڏينهن ۾ چار دفعا چانهه پيئي، اُن کي هڪ دفعي به نه پيئڻ سان مٿي ۾ سور ٿيندو يا نه؟"

ساڌورام کي گهر ۾ گهٽڻ ٿيڻ لڳي. هو ٻاهر نڪري وڃڻ لڳو ته ٿوري ٿڌي اچي ته سنيتا ٽوڪيس - "ٻڌو ٿا! ٻري نه نڪري وڃجو، چنڊ ساڍي اٺين تائين نڪرندو اُن کان اڳ اچي وڃجو."

ساڌورام خفا ٿي چيو، "مونکي ٿورئي اڳ ڏٺو آهي؟"

سنيتا - "اڳ ته مان ڏيندس پر روٽي توهان کان پهرين ته ڪونه کائيندس. توهان کي پوري پئي پوءِ ٿي کائيندس. جڏهن ورت ٿي توهانجي تندرستي ۽ لمبي عمر لاءِ ٿي ڪيان ته ڇا توهان ايترو به نٿا ڪري سگهو ته جلد هلي اچو."

ساڌورام ٺيڪ اٺين بجي واپس موٽي آيو. سنيتا چيس - "ٿوري تڪليف ڪري مٿي ڪنڌ تي چڙهي ته ڏسي اچو ته چنڊ جي سهائي ٿوري گهٽي ڏسڻ ۾ اچي ٿي يا نه؟"

ساڌورام ڇتي پاسي نهاري ٻارن کي ڳولهڻ لڳو. "ٻار ڪيڏانهن ويا آهن؟"

سنيتا ڇڙ مان جواب ڏنس - "اُهي ته پڙهڻ ويا آهن."

۽ ساڍي اٺين بجي تائين ته ساڌورام کي ست دفعا ڪنڌ تي چڙهڻو لهڻو پيو. ڪري به ڇا؟ ورت به ته هن جي لاءِ ٿي رکيو ويو هئو.

چنڊ نڪتو ته سنيتا پوڄا ڪري ارگهه ڏنو. ساڌورام کلي چيو - "چنڊ کي سائنسدان هاڻي مٽيءَ ۽ پٿرن جي جاءِ چئي آهي ۽ توهان اڃان پيون چنڊ کي ارگهه ڏيو."

سنيتا ته هاڻي ورندي ڏيڻ جي سامرٿ ۾ ٿي ڪونه هئي. هن جو مٿو سور کان ڦاٽو ٿي. بک کان پيٽ ۾ ڪئٽس ٿيڻ ڪري دل ڪچي ٿي ٿيس. اُلٽي اچڻ جهڙي حالت ٿي ويس.

صبوح کان ورت جو جيڪو اُتساه هوس سڀ ختم ٿي ويس. ٻه گره کائي هن ورت ڇوڙيو ۽ وڃي بستري تي پئي.

ساڌورام سوچڻ لڳو هيڏي جتن سان روٽي تاهياڻين سان کافي زيان ٿي وئي. صبوح کان وٺي ٻڪ ٻوڙ جي ڪري ٿڪجي پيو هئو. هنکي سوچ هو ته هوُ سنيتا لاءِ نئين ساڙهي نه آڻي سگهيو جڏهن ته هيءُ ورت سنيتا هنجي تندرستيءَ ۽ لمبي عمر لاءِ ٿي ڪري رهي هئي. اها ڳالهه ياد ڪري هنکي کافي سنتوش مليو. سنيتا هن لاءِ ڪيڏي نه جاکوڙ ڪئي هئي. هو سنيتا جي مٿي کي هلڪا هلڪا زور ڏيندي اُٿي ٿي ڪرسيءَ تي ويٺو ننڊ جي گود ۾ سمائجي ويو. ★

سنيتا جواب ڏنو - "توهان لاءِ."

ساڌو رام ڪار ڪاڙهيندي چيو، "توکي ته خبر آهي ته مونکي پيٽ ڏنو به ڪونه ويو؟...."

سنيتا موڙو ڏيندي ڳالهه ڪٽيندي چيو، "اڄ ته ڪٽي کائو. سال ۾ هڪ ڏينهن جيڪر پيٽ جو ناشتو ڪجو ته آسمان ڪونه ڦاٽي پوندو. آخر ورت توهان جي تندرستيءَ ۽ وڏي عمر جي ڪري ئي ڪري رهي آهيان."

ساڌو رام وقت جي نزاڪت کي ڏسندي اکيون ٿي ڳيتون ڏيندي پيٽ ڳرڪائي ويو.

آفيس ويندي چيائين- "منهنجو ٽفن نه ڏجي."

سنيتا چيو- "اڄ روٽي هڪ وقت اڳوڻو رات جو ئي ڀنگ سان ٿيندي. مونکي به ته ورت چوٿو آهي. ورت رکي ڪير ويٺو هر هر روٽي ٺاهيندو؟ مان اسر کان اٿيل آهيان. توهان به اڳوڻو رات جو ئي پيٽ ڀري کائجو."

ساڌو رام اداسيءَ سان اسڪوٽر ڏانهن وڌيو ته سنيتا چيس - "ياد اٿو باقي ڪهڙا ڪم ڪرڻا اٿو؟"

ساڌو رام وراڻيو- "هينئر ته نيجڙي آڻي ڏيان نه؟"

سنيتا چيو- "ها، هينئر جو هينئر مان پوڄي پوءِ ئي ته پاڻي پيئندس. ڪڏهن ته هينئر ئي سڪي ويا آهن."

ساڌو رام نيجڙي آڻي ڏنس ۽ آفيس وڃڻ لاءِ وڌيو. سنيتا ورجائيندي چيس - "شام جو ڪٿا ٻڌڻ لاءِ گرپاٽيءَ کي چوندا وڃجو ۽ سنيتا شرمائيندي چيو اهو به ڪڄ ياد اٿوَ يا نه؟"

ساڌو رام اچرج مان سنيتا ڏانهن نهاريو. ڄڻ ڪو نئين نويلي ڪنوار ٿي هجي، ائين پئي شرمائي ساڌو رام سمجهي ويو ته سنيتا جو اشارو ڪيڏانهن آهي؟ چيائين- "ائين ساڙهيءَ کانسواءِ ڪم نه هلندو ڇا؟"

پر ائين چوندي هو سنيتا سان نظر ملائڻ جي جرئت نه ٿي ڪري سگهيو ۽ اسڪوٽر کي ڪڪ هڻي هوا سان ڳالهيون ڪندو نڪري ويو.

شام جو ڇهين بجي گهر پهتو ته سنيتا ڄڻ نئين ساڙهيءَ جو انتظار ڪري رهي هئي. شاديءَ کي ڏهه سال ٿيا اٿس ۽ هر سال نئين ساڙهي ايندي اٿس. پر هن سال ساڌو رام جو هٿ تنگ هو. ٻن ٻارن واري گرهستي هلائڻ اڄ جي مهانگائيءَ ۾ ڪو مزاق ڪونهي. ڪوشش ڪرڻ تي به هن کي اوڌر ڪونه ملي سگهي هئي.

سنيتا اڳين ساڙهين مان هڪ ساڙهي پاتي. سورهان سينگار ڪيائين ته ساڌو رام هڪ ٽڪ هن کي ڏسندو رهيو.

سمجهائي ته سنيتا چيو - "ٻڌو ٿا! مان ڪٿا ٻڌڻ ٿي وڃان توهان رسوئيءَ ۾ سائي ڀاڄيءَ جي ڪڪر کي بس ٻه سيٽيون هڻائي سم تي ڪري ڇڏجو، کير وارو اچي ته کير وٽي گرم ڪري رکجو، ڌيان ڪري رکجو، ڌيان رکجو ته اُٻامي نه وڃي ۽ ها ٿورو ڪچو کير ارڳ لاءِ الڳ ڪڍي رکندا، ڀلجندا نه."

ويچارو ساڌو رام اڄ ڦاٿو ڪي ڦاٿو. سو چيائين شڪر جو سال ۾ هڪ ڏينهن ٿي

"مان ته اُسر کان اٿي آهيان. مونکي ڇانهه به پيئڻي ڪونهي، ڇاڪاڻ ته ختم ٿي ويئي آهي. اٿي سانبر لڳائي اڄ ته پاڻ ئي ڪٽي هڪ ڪوپ ڇانهه ٺاهي پيتو." ۽ سڄي پيچ سنيتا ئي اوني ٿي سمهي پيئي.

ساڌورام من ۾ چيو، "اڄ پڻ ساڌورام آخر تنهنجي تندرستي ۽ وڏي عمر لاءِ ٿي ته هيءَ ايڏو ڪشٽ ڪري رهي آهي." پڻ پڻ ڪندو اٿندي چوائين- "هي ڀڳوان! شڪر جو سال ۾ هڪ دفعو ٿي نرجلي اڪي نه ته سڄي عمر جو سر رلي وڃي."

سنيتا اڪير ڪولي اٿڻ لڳي ۽ ساڌورام کي ڇانهه ملي ساڳي اٿڻ لڳي.

سنيتا جان اٿي بستر جون چادرون ڏسي ته مينديءَ سان رڱيون پيون آهن- "پتو ڏا! هيءُ توهان ڇا ڪيو سڀ چادرون خراب ٿي ويون. هيءُ داغ ته لهندا به ڪونه."

ساڌورام واڻو ٿي ويو چوائين- "ڇا ٿيو؟"

سنيتا چيو- "مون توهانجي ڇنڇ ۾ ڪٽي مينديءَ هٿن سان توهان ننڊ ۾ چادرن کي هٿ هڻي ڇڏي."

ساڌورام ڪلندي چيو، "تو اٿڻ ڇو ڪيو؟ ان ۾ منهنجو ته ڪو ڏوهه ڪونهي."

سنيتا ڪافي دير پاڻ پاڻ ڪندي رهي. ڇانهه پياري سنيتا جان ڪٽي ڳوٺڙيءَ ۾ هٿ وجهي ته مساڳ نهي ٿي ڪونه. رڙ ڪري چوائين- "پتو ڏا! مون توهانکي مساڳ ڏنو هئو سو ته ڏسڻ ۾ ڪونه اچي."

ساڌورام ڏاڙهي وڃي لاٿي هڪ پاسي لاهي ڇڪو هو ٻئي پاسي لاهڻ وارو هو ته واڪو ڪندي اچي سنيتا اڳيان حاضر ٿيو، "وري ڇا ٿيو؟"

"مساڳ ڪٿي آهي؟"

ساڌورام غلطي مڃيندي چيو، "برابر هيٺرين شين ۾ مساڳ ته مونکان پلجي ويو."

پوءِ ته سنيتا اڌ ڪلاڪ پٽي پاڻ پاڻ ڪئي.

وري سنيتا نيتا کي سڏ ڪري پڇيو، "نيتا تو اُسر ڪيو؟ ڏسان تنهنجي ميندي؟"

ڏسي ته نيتا جا هٿ مينديءَ سان رڱيا پيا آهن ۽ هن جا هٿ صرف پيلا لڳا پيا آهن.

اڃي ساڌورام کي ورنائين- "پتو ڏا! توهان ميندي ته سٺي ٿي ڪونه. آندي آهي. مون توهانکي چيو هو ته چونڪ جي ڪنڊ تي جيڪو ڪاڪي جو دوڪان آهي اتان ٿي ميندي آڻجو جو هن جي مشهور آهي پر توهان ته الائي ڪٿان وٺي آيا آهيو. سال ۾ هڪ دفعو هٿن ميندي سا به رڃي ٿي ڪونه."

ساڌورام منهن پلو ڪري چيو، "مان ڪالهه ان پاسي کان لنگهيس ٿي ڪونه سو جيڪو دوڪان سامهون لڌو ان تان ئي وٺي آيس."

اڃي باقي سنيتا جي پڻ پڻ زور وٺندي وئي.

سايا نو ٿي ويا. ساڌورام ناشتي لاءِ اچي ٽيبل تي ويٺو. ڪافي انتظار ڪانپوءِ هڪ وڏي ڪٽوري ۾ ڀت پائي سنيتا ڪٽي اچي ٽيبل تي رکيو ۽ پاڻ ٿڌو ساهه ڪٽي ڪرسيءَ تي ويهي رهي.

ساڌورام عجب کائيندي چيو، "هيءُ ڀت وري ڪهڙي مريض لاءِ آهي؟"

ٽيجڙيءَ جو ورت

ليکڪا: ڪملا ٻناڻي

نيتا ۽ سنيتا پاڙيسري ته آهن ئي گڏوگڏ هڪ ٻئي جون سٺيون ساهيڙيون پڻ. ٻنهي جو گهر هڪ ٻئي جي سامهون هو.

نيتا سنيتا کي ياد ڏياريندي چيو- "ٻڌين ٿي! سڀاڻي ٽيجڙيءَ جو ورت اٿئي. ياد اٿئي نه؟"

سنيتا چيو- "چڱو ڪيئي جو ياد ڏياري ڇڏيئي. مان ته وسري ڪاڏي آهيان."

شام جو ساڌورام جيئن ئي آفيس مان آيو ته هن کي چانهه پياريندي سنيتا چيو- "ٻڌو ٿا! سڀاڻي ٽيجڙيءَ جو ورت آهي."

ساڌورام "ها" چئي چپ ٿي ويو.

سنيتا ورجائيندي چيس- "بس، ها چئي چپ ٿي ويا ڇا؟ خبر نه اٿو ته هيءُ ورت مان توهانجي تندرستيءَ ۽ وڏي عمر ايشور کان گهرڻ لاءِ هر سال رکندي آهيان ۽ هر سال مونکي ئي ٻڌائڻو پوندو آهي ته توهانکي ڇا ڇا آڻڻو آهي."

ساڌورام ٻاهران چپ رهيو پر اندر ئي اندر سرائجي ويو. من ۾ چيائين گهٽ ۾ گهٽ پنجاهه جو نوٽ ڇٽ ۽ ساڙهيءَ جي فرمائش الڳ..

ساڌورام چيو- "ها ڀلا ٻڌاءِ ته ڇا ڇا آڻڻو آهي؟"

سنيتا چيو- "مونکي اَسر ڪرڻو آهي ٿورو ماڻو ضرور وٺي اچجو."

ساڌورام پڇيس- "گهڻو؟ پاءُ ڪافي ٿيندو؟"

سنيتا موڙو ڏئي چيو- "ڪمال ٿا ڪريو! ڀلا پاءُ مان ڇا ٿيندو؟ ٻار ٻه ته کائيندا، گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلو ته هجي."

"ها ٻيو ڇا؟" ساڌورام مٺي کي کنهندي چيو.

سنيتا سوچيندي چوندي وئي- "ٻيو ته ميندي، مساڳ، مهاور، سيندور، ڪجهه سڳنڌي اگربتيون ۽ ٿورو فروٽ بس."

ساڌورام ٿيلهي کڻي نڪتو ۽ رات ٿيڻ کان اڳ سڀ سامان اچي سنيتا کي ڏنو.

رات جو سمهڻ وقت سنيتا ساڌورام کي 4 بجي جو الارم ٺاهڻ جي هدايت ڪئي.

اَسر ٿيو ته سنيتا پاڻ اٿي. ساڌورام کي به جاڳائڻ جي ڪوشش ڪيائين- "ٻڌو ٿا! توهان به اٿي ڪجهه ته سڳڻ ڪيو. ميندي‌ءَ جو به سڳڻ ضروري آهي. توهان به هڪ آڱر ۾ ته لڳايو."

پر ساڌورام گهري ننڊ ۾ هو اون اون ڪري پاسو ورائي سمهي پيو.

سنيتا ننڊ ۾ ئي ساڌورام جي چيچ تي ٿوري ميندي سڳڻ طور لڳائي ڇڏي.

اڃا صبوح ٿي ويو هو پر ساڌورام ڏٺو ته سنيتا اڃان سمهي پئي آهي. هن سنيتا کي ڏونڌاري اٿاريندي چيو- "چو ڇا اڄ چانهه به ڪونه ملندي ڇا؟"

سنيتا نئين سر پاسو ورائي سمهندي چيو،

(جوش ۾) سيٺ صاحب هيءَ ڪهڙي بد تميزيءَ جي ڳالهه پيا ڪريو.

اشوڪ : ڇا ڳالهه آهي بابا!

گوڏومل : اڙي انرٿ ٿي ويو.... تنهنجي جوءِ نرملا جو گهوٽ ڪسي ويو....

ٽيليفون مان آواز: ڪسي نه ويو، پنهنجي ڇٽن راضي خوشيءَ سان اڄ ڪورٽ ۾ شادي ڪئي آهي.

گوڏومل : ڪورٽ ۾ شادي! مئجسٽريٽ به ويٺي پڙهندا آهن ڇا؟

اشوڪ : مونکي ڏيو فون (پيءُ کان ٽيليفون جو رسيور وٺندي) سيٺ نيڻداس! رام رام! مان اشوڪ، مون ڏٺو بابا کي ٽيليفون تي پورو آواز سمجهه ۾ نٿو اچي، توهان مونکي ٻڌايو.

ٽيليفون مان آواز: اشوڪ! ٻڌ. سڪندر، جنهن سان توهان پنهنجي ڀيڻ مڱائي هئي اُن ۽ منهنجي نياڻي روپا، اڄ صبح جو ڪورٽ ۾ سول مئريج ڪئي آهي.

اشوڪ : اهو سڀ ڪيئن ٿيو؟

ٽيليفون مان آواز: جوان دليون آهن، پنهنجو ڀلو برو پاڻ سوچي سگهن ٿا.

اشوڪ : روپا اتي ويٺي آهي؟

ٽيليفون مان آواز: هائو. روپا، سڪندر ۽ انجو پتا هت مون وٽ ٿي ويٺا آهن.

اشوڪ : ذرا ڏيوس ٽيليفون روپا کي.

ٽيليفون مان آواز: روپا چوي ٿي، هاڻي ڳالهائڻ لاءِ ڪجهه رهيو ئي ناهي.

اشوڪ : هيءَ سراسر دوکو آهي. دغا. مان ڪورٽ ۾ ڪيس ڪندس، سيٺ نيڻداس!

ٽيليفون مان آواز: سائين ڪورٽ ۾ ٿي ته شادي ٿي آهي ڪيس وري ڇا جو؟

گوڏومل : ڇورا! سيٺ نيڻداس، وري هاڻي ڇو ٿو چئين. ٺيڪ چئين ٿين.

اشوڪ : ها. ٺيڪ! مان سيشن ڪورٽ ۾ گهليندو سانءِ.

ٽيليفون مان آواز: سائين سيشن ڪورٽ ڇا ڪندي؟ ميان ٻيبي راضي تو ڪيا ڪريگا قاضي؟

گوڏومل : ٺيڪ به نه چئيس. ليو چئيس ٿيو. مونکي ڏي فون (اشوڪ کان فون وٺندي) ٺيڪ جا ٻچا! مان هاءِ ڪورٽ ۾ گهليندو سانءِ.

اشوڪ : بابا! مونکي ڏيو فون. مان سپريم ڪورٽ تائين به نه ڇڏيندو مانءِ.

گوڏومل : مونکي ڏي فون. يو. اين. او. (U.N.O.) ۾ فرياد داخل ڪرائيندو مانءِ.

(هوڏانهن نيڻداس ٽيليفون رکي ٿو ڇڏي)

گوڏومل : فون رکي ڇڏيائين (روئڻ هارڪو ٿي) اڙي! مونکي ته ڪٺو ڏڪ هڻي ڇڏيائين. ڌيءَ جي مائٽي ٿي ته پٽ جي به. هاڻي مان ڪنهنکي به منهن ڏيکارڻ جي لائق نه رهيس.... امڙ سيتل ماءُ! امڙ سيتل تون سچ ٿي چئو....

(پاڙي ۾ سيتل ماءُ جو آواز)

ابا گوڏو! مٽي مائٽي اصل ماڻڪن جو سودو آهي. اکين واپاري درشني نه. پر دلين جو ناتو جوڙيو آهي.... دلين جو ناتو جوڙيو آهي.... دلين جو ناتو جوڙيو آهي.... (سيتل ماءُ جو آواز دهرائيندو رهي ٿو).

سا ٻڪي ٿي نه .... اسان ڇوڏهين
آڪٽوبر صبح جو ڇهين وڳي
توهان وٽ پهچي وينداسين،
سمجهو نه ....

ٽيليفون مان آواز: ٻڌو ٻڌو ....

گوڏو مل: ها ٻڌان ٿو .... جنهن اوهين کان
مان اهو مهورت ڪيايو آهي
اهو وڏو ودوان آهي، سمجهو
نه .... هن چيو ته اهو مهورت
شڀ ۽ لاڀدائڪ آهي، سمجهو نه
ان ويلا ٿي سڀ ديوتائون ۽
ديوتائون جوڙي کي سرڳ مان
آسيس جي ورکا اچي ڪندا
سمجهو نه ....

ٽيليفون مان آواز: سائين! ٻهرين منهنجي
ڳالهه ته ٻڌو.

گوڏو مل: ها چئو چئو.

ٽيليفون مان آواز: هاڻي مهورت جو سوال
ئي نه ٿو اٿي.

گوڏو مل: ڇا چيئه؟ پورو سمجهه ۾ نٿو اچي،
ذرا ڏاڍيان چئجو.

ٽيليفون مان آواز: مون چيو هاڻي مهورت
جو سوال ئي نه ٿو اٿي.

گوڏو مل ا (گهٻرائجي) ڇا چيو؟ مهورت
جو سوال ئي نٿو .... ڇو؟

ٽيليفون مان آواز: شادي اول ٿي ٿي وئي.

گوڏو مل: ڇا چيئه؟ شادي اول ٿي ٿي
وئي (اشوڪ ڏي منهن ڪري)
اشوڪ! اڙي ڇورا مان هي ڇا
ٿو ٻڌان؟ تو اول ئي شادي
ڪري ڇڏي؟ ....

اشوڪ: ڇا ٿا چئو بابا؟ مان ته هتي ئي
ويٺو آهيان، شادي وري خواب
۾ ٿي وئي ڇا؟ (ٻٺڪي ۾
پنهنجي منهن).... هائو خواب ۾
مان روپا سان روز لائون
لهندو آهيان.

گوڏو مل: پٺيئن سان لائون لهندو آهين.
ڇورا! ضرور ڪا گڙٻڙ ڪئي
هوندءِ، هاڻي مون کان ٿو لڪائين.

اشوڪ: نه بابا! مان سچ ٿو چوان....

گوڏو مل: (ٽيليفون ۾) مون چيو سيٺ
نيڀنداس! هيءُ ڪهڙو چرچو
آهي؟ اپريل فول ٿا ڪريو يا
هوليءَ جو سانگ؟؟

ٽيليفون مان آواز: سائين! هيءُ چرچو نه آهي
حقيقت آهي. اڄ صبح ڇوڪري
۽ ڇوڪريءَ ڪورٽ ۾ شادي
ڪري ڇڏي.

گوڏو مل: (پنهنجي منهن) ڇوڪريءَ ڪورٽ
۾ شادي ڪري ڇڏي (ٽيليفون
۾) ڪنهنجو ڇوڪرو؟ ڪنهنجي
ڇوڪري؟؟

ٽيليفون مان آواز: ڇوڪري منهنجي ۽ ڇوڪرو
هو سڪنيو آهي نه ....

گوڏو مل: ڪهڙو سڪنيو؟

ٽيليفون مان آواز: پروفيسر سڪنيو ساڄداڻي،
جنهن سان توهان پنهنجي ڌيءَ
کي مڱايو هيو ....

گوڏو مل: پنهنجي منهنجي ناٺي سڪنيو،
منهنجي ڌيءَ ارملا کي ڇڏي،
توهانجي ڌيءَ روپا سان ....

روپا : تڏهن ته چوندا آهن. (شاعرانه انداز ۾ چوي ٿي) "خوب گذرتي هئي، جب ملتي هين دو ديواني"

سڪندر : وري ڪڏهن ملنداسين؟

روپا : جڏهن چئو.

سڪندر : سڀاڻي آرتوار آهي شام جي مهل ڪانڪريا تلاءَ وٽ موج مزو هوندي آهي. اتي ئي گڏجون.

روپا : او شيور (O sure)

سڪندر : باءِ (Bye)

روپا : سي يو. (see you)

(سگنيٽ جي سرن سان سين جو بدلجڻ)

....

گوڊومل : پٽ اشوڪ!

اشوڪ : چئو بابا.

گوڊومل : ڪيتري عرصي کان نرملا جي ساهرن وارن کان چٺي ڪونه آئي آهي.

اشوڪ : منهنجي ساهرن وارن جو نه ڪو احوال ڪونهي.

گوڊومل : مون نرملا جي ساهرن کي شاديءَ جي تاريخ پهرين سيپٽمبر لکي موڪلي. اڄ ستين آگسٽ ٿي وئي آهي، اڄ سوڌو ڏينهن جو ڪو به احوال ڪونهي.

اشوڪ : منهنجي شاديءَ جو مهورت ڪڏهن ٻڌا آهيو؟

گوڊومل : چوڏهين آڪٽوبر.

اشوڪ : ٻنهي جي شاديءَ جو مهورت ساڳي ئي تاريخ تي ڪيايو ها نه.

گوڊومل : آئون سمجهان ٿو. اول نماڻيءَ جي شادي پٽائي، پوءِ تنهنجي ڌام ڌوم سان ڪرائيندي جيئن تنهنجن ساهرن کي اسان پنهنجي پڪي سان ڏاڪو جماني سگهون. سمجهين ٿو.

اشوڪ : ان سان ڇا ٿيندو؟

گوڊومل : گهوٽيتي جي ڏاڪي جو ڏي وٽ سان وڏو تعلق ٿيندو آهي. (کاڻ لڳي ٿو) سمجهين ٿو.

اشوڪ : سمجهيم. پڪا بزنس مين آهيو.

گوڊومل : (کنگهندي کنگهندي) ان ڪانسواءِ جي ٻئي شاديون گڏ ٻڌنداسين ته نرملا جي ساهرن کي خبر پئجي ويندي ته اسين ڏيون گهٽ ٿا ۽ وٺون واڌاري ٿا. پوءِ مٿان ڪا گڙ ٻڙ ڪري وجهن (کنگهندي) سمجهين. نه .... انڪري اول نماڻيءَ جي شادي ٿي وڃي ته پوءِ (کاڻ لڳي ٿو) سمجهين ٿو.

اشوڪ : وڏا داءُ پيچ لڙايا اٿو.

(ٽيليفون جي گهنٽي وڃي ٿي. اشوڪ رسيور کڻي ٿو)

اشوڪ : هيلو .... احمد آباد مان ٽرنڪ ڪال ڪير؟ سيٺ ٽيڪنداس .... هائو بابا کي ڏيان ٿو ....

گوڊومل : (ٽيليفون جو رسيور وٺندي) سيٺ ٽيڪنداس! رام رام .... مونکي پاڻ توهانجي احوال جو انتظار هئو. منهنجي چٺي پهتي؟ مهورت جي تاريخ چوڏهين آڪٽوبر ڪيائي موڪلي مانٿ

روپا : خيال ٺـو رکي ته پـوءِ پنهنجي
هڏن تي زور ڏئي ڪين ٻرائي
مال تي ٽوپي نراڙ تي.

سڪندر : واه ! ڀاڪا ته پڙهن ماڻهن جان
ٿي ڏين.

روپا : پيو لکيو اٿائين ته ڏاجي ۾ رنگين
ٽي. وي. ڏجو.

سڪندر : پـر مونـکي تـه لکيو اٿائين تـه
بليڪ ۽ اينڊ وائيٽ ٽـي. وي.
پسند ڪري ماڻهه لـکـي موڪل
ته اوتري رقم هو مونـکي ڊرافٽ
رستي موڪلي ڏيندو.

روپا : گهوٽ جي وڏي جا پنج هزار
گهريا اٿائين.

سڪندر : پر مونـکي لکيو اٿائين تـه پنج
سو وارو وڏو ٺهرائجو، انهي رقم
هو شاديءَ مهل ڏيندو.

روپا : ۽ فـرج. اسان کان تـه فـرج بـه
گهري اٿائين.

سڪندر : پـر اسانـکي ته اهڙي ڪـا ڳالهه
ڪو نه لـکي اٿائين.

روپا : ۽ تنهن کانسواءِ اسڪوٽر.

سڪندر : اسانـکي تـه سائيڪل بـه ڪونـه
ڏـو وٺي ڏئي (کلندي) روپـا
هاڻـي ڇـڏ انهن ميٽيرلسٽـڪ
(Materialistic) ڳالهين کـي. ڇگو
هاڻي هلون.

روپا : توهان سان اندر جو حال اوريان
ٿي ته من جو بار هلڪو ٿو ٿئي.
وري ڪڏهن گڏ جنداسين ؟

سڪندر : سڀاڻي شام جو.

روپا : ڪٿي ؟

سڪندر : لو گارڊن (Love Garden) ۾.

(سنگيت جي سرن سان سين جو بدلجڻ)

....

سڪندر : هاءِ روپا !

روپا : هاءِ.

سڪندر : اڄ ته لـو گارڊن (Love Garden)
۾ ڪافي رونق لـڳي پئي آهي.

روپا : جي من ۾ موج آهي ته چوطرف
رونق ئي رونق آهي.

سڪندر : تـه بـه هر ڪنهن ماڻهوءَ جـي
پنهنجي پنهنجي ٺاڪت هوندي
آهي. هن لـو گارڊن ۾ هونءَ ته
هميشه رونـق هوندي آهـي،
پر اڄ تنهنجي اچڻ سان ڪلين
۽ ڪلي پيون آهن ۽ گلن سرهاڻ
ڦهلائڻ شروع ڪئي آهي.

روپا : چوندا آهـن تـه ”حسن ديکني
والون ڪي نظرون ۾ هتا کرتا
هئہ“ هڪ گيت ياد ٿـو اچيم.
اجازت هجي ته عرض ڪريان.

سڪندر : ارشاد.

روپا : (ترنم ۾) حسن ساري دنيا نظر
پيو اچي، جي نيڻن کـي نرمل
بڻائي ڇڏين.

سڪندر : واه ! ڇا ته آواز آهي.

روپا : جي ڪن رسيلا هجن ته هر واڻي
مڌر لـڳندي آهي.

سڪندر : تون گڏجين ٿي ته وقت ڪيئن
ٿو گذري وڃي، تنهنجي خبر
ئي نٿي پوي.

سڪندر : وري ڇٽن ۾ اهڙي ڳالهائين.

روپا : شاديءَ ۾ ڪجهه ڪشش به ڏٺين
ڏٺي ڪٿي هوندو؟

سڪندر : پڇين ته سڀ انهن ٻڌي ڇڏڪ
منهنجي ڏاڏي لڳين. ڏسي
آهن ٻوري ٻيگت وارا، سي
ڇا ڏيندا؟

روپا : ٻوريءَ ٻيگت وارا! ٻر اسان وٽ
اهي لپاڙون ٻڌي هٽائين ڇڏڪ
وڏيون ڪوٺيون ٻيون هلنس.

سڪندر : هاڻي ڇڏ انهن ڏي وٽ جي
ڳالهين کي. ٻاڻڪي مزو نٿو اچي.

روپا : (منهنجي منهن ڇوري ٿي) مزو
ته اسانکي به نٿو اچي. ٻر هيٺن
ڊبل اسٽينڊرڊ ڇو؟
(سگريٽ جي سرن سان سين بدلجڻ)

سڪندر : هاء روپا!

روپا : هاء.

سڪندر : اڄ هن ڪاليج جي لئبرريءَ ۾؟

روپا : سوچيم مئرليج کان اڳ ۾ ڪاليج جا
ٻسڪ مونائي، اڪائونٽ ڪليئر
ڪري ڇڏيان، ته ته توهان ڪاليج
وارا منهنجي ساهري گهر ٻه ٻيا
نوٽيس موڪليندا.

سڪندر : اڄ آئيسڪريم نه کارائيندينءَ ڇا؟

روپا : اڄ ڪجهه موڊ ٺيڪ ناهي.

سڪندر : اهڙا ڇگي ڳالهه ته ناهي، جو،
جڏهن تنهنجي کارائڻ جو وارو
اچي، ته ڇوڻ ٿي ته موڊ
ٺيڪ ناهي.

روپا : (آوازش ۾) مولڪي اهڙي ڪنجوس
سمجهو اٿو ڇا؟ هميشه ٿي ٿي
هاڻي کارايانو.

سڪندر : اڄ ته، ٻڌي ڪنهن ڏنهي. اڄ هل
ته ڪينٽين ۾ هاڻي چانهه ٻيون؟
ڪجهه ڳالهيون ٻولهيون به
ڪريون. (ڪينٽين ۾ اچن ٿا)

سڪندر : (چانهه جو آرڊر ڏئي ٿو) ڊو
اسپيشل چاه .... (روپا کي ڇوري
ٿو) روپا! هل هن ڪنهن واري
ٽيبل وٽ ٿا هلي وهون .... ها...
اٿي ٺيڪ آهي .... هاڻ ڪر خبر
اڄ موڊ کي ڇا ٿيو آهي؟

روپا : منهنجي سهري جي ڳالهه ٿي ڪمر-
الائي کهڙي قسم جو ماڻهو آهي
روز روز گهر گهر لائي ويٺو
آهي. ٻٽ مڱائي جي ٻيٽڪ ۾
اڪائونٽ کولائي ڇڏيو اٿائين،
جتي ڊيپازٽ ڪرڻ جو ته سوال
ٿي نٿو اٿي، رڳو ودڊرال
(Withdrawal) ٿي ودڊرال
(Withdrawal).

سڪندر : مطلب؟

روپا : اڄ به سهري صاحب جي چٺي آئي
آهي لکيو اٿائين ته ڪجهه ذرا
ڦلهڙا ٿهرائجو ڇو جو اهي شيون
روز روز ڪونه ٿيون ٿين.

سڪندر : ٻوء ان ۾ موڊ بگڙڻ جي ڪهڙي
ڳالهه آهي. اهي ڳهه ته تنهنجي
لاء ٿي ٿهي رهيا آهن نه. سهرو
صاحب تنهنجو ڪيترو نه خيال
ٿو رکي.

ڏنڊو ڪندو آهي. تنهنجي سهري جو نالو ڇا آهي؟

روپا : نالو .... اٿس .... سيٺ .... سيٺ گوڏومل (ڪجهه هٻڪي) ۽ ڪجهه ياد ڪندي چوي ٿي)

سڪندر : واهه اتفاق سان منهنجي سهري جو به نالو گوڏومل ئي آهي.

روپا : ٻنهين ته چيو مانو .... Both of us

سڪندر : ڇا ڪندو آهي تنهنجو هو؟

روپا : وڪالت. ڪٿي توهانجي هوءَ به ته وڪيل ڪونهي؟

سڪندر : منهنجي هوءَ ته وڪيل ڪونهي، پر منهنجو سالو ضرور وڪيل آهي .... ڪٿي تنهنجي مسٽر جو نالو .... اشوڪ ته ناهي؟

روپا : (کلڻ لڳي ٿي)

سڪندر : اشوڪ نالو اٿس؟ پوءِ ته ....

ٻئي گڏ : Both of us are Sailing in tha Same boat

سڪندر : پوءِ ته اسان ٻئي ٻاڻ ۾ مائٽ ٿياسين. صرف مائٽ نه پر تون اسانجي ڪنوارپڻي طرف جي ٿيئين.

روپا : (کلندي) توهانجي ڪنوارپڻ جي به ڪنوارپڻي.

(ٻئي ٽهڪ ڏين ٿا)

سڪندر : هاڻي هڪ ڪم ڪر. جيڪي پنهنجي ڏاجي لاءِ سامان وٺين ته اهو پوءِ منهنجيءَ هن لاءِ به خريد ڪري ڏجانءِ. مونکي ليڊيز جي پسنديءَ جي ڄاڻ ناهي.

روپا : پر ان لاءِ ته توهانجي سهرن کي تياري ڪرڻي آهي، توهان ڇو ٿا پريشان ٿيو.

سڪندر : سهري صاحب پنهنجي ڪي پڌايو ته ڏاجي ۾ چار جوڙيون، ٽي منڊيون ۽ هڪ لڪڙي ڏيندا ڏيندا باقي سڀ اسانکي ناهڻو آهي. گهر ۾ آهيون صرف بابو ۽ مان. ماءُ پيڻ يا ڀاڄائي ته اٿم ڪونه، انڪري مونکي ئي سڀ ڪجهه وٺڻو ٿو پوي.

روپا : ڇا چيو؟ ڪهڙي ساءِ ڏيندا؟

سڪندر : چار جوڙا، ٽي منڊيون ۽ هڪ لڪڙي.

روپا : (پنهنجي منهن پڙهڪي ۾) پر .... منهنجي پيءُ ته ڏهه جوڙيون، ٻه ڪنگڻ، پنج منڊيون، هيرن جون ڦلڙيون توڙي هار، گهوٽ لاءِ سوني چين ۽ ڇوڪري ڇوڪريءَ لاءِ سوني ٻئي جي واچ، ڏيڻا ڪيا آهن ته ٻه ڏٺي لک پيو مڙي.

سڪندر : اٿين پڙهڪي ۾ ڳالهائيندينءَ ته پاڻ سمجهڻ وارا نه آهيون.

روپا : مون چيو، موڙي ۾ توهانکي ڇا ڏنائون؟

سڪندر : پنج ناريل، سوا ڪلو مصري ۽ سوا پنج سو رپيا روڪڙا.

روپا : (پنهنجي منهن) پر منهنجي بابي کان ته مصريءَ ۾ ٿي پنجوهه هزار وٺي ڇڏيائون.

سڪندر : مطلب ؟
روپا : مطلب پوءِ ٿي پڙهايائو. ٻڌائڻ
پڙهيو ته توهان هٿ ڪيئن ؟
سڪندر : مان به هٿ ساڙهيون ٿي خريد
ڪرڻ آيو آهيان ڇڱو ٿيو جو
تون هٿ گڏجي وٺينءَ.
روپا : يعني ؟
سڪندر : ايندڙ مهيني ۾ منهنجي شادي
ٿيڻي آهي. سوچيم پئي ته
منهنجي ٿيندڙ پتنيءَ لاءِ ڪجهه
ساڙهيون خريد ڪريان پر هٿ
اچي سوچ ۾ پئجي ويس، ته مان
ڇا ڄاڻان ليڊيز جي پسندي.
مان پڇا تون ٻه ڪن ساڙهيون
ڪنهنجي لاءِ ٿي وٺين ؟
روپا : بوٽ آف اس آر سيلنگ ان
دي سيم بوٽ.
سڪندر : مطلب ؟
روپا : وري مطلب. پروفيسر ٿيا آهيو،
دنياداريءَ جي ڳالهين جو مطلب
پاڻ سمجهو نه.
سڪندر : هو فلمي گانو نه ٻڌو اٿئي.
”سب ڪڇ سيکا همني نه سيکي
هوشياري، سچ هئي دنيا والون
کي، هم هئين اناڙي.“
روپا : (کلڻ لڳي ٿي)
سڪندر : ڪاليج ۾ تون منهنجي اسٽوڊنٽ
هئينءَ پر هاڻي دنياداريءَ جي
ڳالهين ۾ ڪٿي منهنجي اُستاد ٿيءَ.
روپا : ڪاليج ۾ ڇا پڙهندا هيءَ جي
پاڻ پڙهندا هئا ؟

سڪندر : مان به پڻ لاءِ تيار آهيان.
روپا : ته پوءِ هلو، سامهون آئيس ڪريم
پارلر ۾ هلي آئيس ڪريم کارايو،
پوءِ ٻي ڳالهه.
سڪندر : هلو.
(هوٽل جهڙو وارو منظر)
سڪندر : ڇا کائيندينءَ ؟
روپا : جو توهانجي من ۾ هجي، تنهنجو
آرڊر ڏيوس.
سڪندر : (آرڊر ڏيئي ٿو بيري کي)
اڙي ڀائي دو آئيسڪريم پستا
والا لانا .... (روپا کي چوي ٿو)
هاڻي ڪر خبر تو ڇا پئي چئو ته....
Both of us are Sailing in the
Same boat مطلب ته، تنهنجي
به شادي ....
روپا : (کلندي) هن آئيسڪريم پارلر
واري ايئر ڪنڊيشنڊ روم ۾
وهڻ سان دنياداريءَ جا مطلب
سمجهه ۾ اچڻ لڳا اٿو نه ؟
سڪندر : ڪجهه ڪجهه، ڪٿان جا آهن
تنهنجا ساهرا ؟
روپا : گاندي ڌام جا.
سڪندر : (عجب ۾ ڇان) اڙي منهنجا ساهرا
به ته گاندي ڌام جا آهن.
روپا : تڏهن ته چئو ٿو "Sailing in the
Same boat"
سڪندر : ڇا ڪندو آهي تنهنجو سهرو ؟
روپا : فوٽ ويئر جو هول سيل واپاري
آهي.
سڪندر : اڙي منهنجو سهرو به ته اهو ئي

اشوڪ : مان توکي پسند آهيان يا نه؟

روپا : توهانجي ۽ منهنجي پسند گڏيءَ کي ڪهڙي اهميت آهي؟

اشوڪ : ڇو؟

روپا : جڏهن اسانجا وڏا اڳهه ۾ ٿين، تڏهن ڳالهه پڪي چئجي.

(سنگيت جي سرن سان سين بدلجڻ)

....

(پئي ڪمري ۾ گوڊومل ۽ نيڻداس جا ٽهڪ)

نيڻداس : واهه سائين گوڊومل، ڏاڍا هوشيار ماڻهو آهيو. اول ڏيتي ليتي طئه ڪري، هاڻي چئو ٿا ته مڙو تڏهن ڪانسواءِ ڏٺو ٿيندو.

گوڊومل : پائي ڏيتي ليتي ته شاديءَ سان لاڳو آهي ۽ مڙو آهي مائٽيءَ جي ڳالهه پڪي ڪرڻ جو، سمجهو نه. مائٽيءَ جي ڳالهه پڪي ٿي ته مڙهن ته ضرور مڙو ڪرائيندا نه؟ پوءِ ان ۾ جهڪي پنج پنجويهه ڪوڏيون منهنجو مطلب آهي هزار، پنڌرهن آهي ڏجو. سمجهو نه.

نيڻداس : (کلندي) ٺيڪ آهي سيٺ گوڊومل جيئن توهان چوندا تيئن ڪندس.

(سنگيت جي سرن سان سين جو بدلجڻ)

....

(بزار جي سين. موٽرن ۽ گاڏين جي آمدرفت جا آواز).

سڪندر : هلو روپا!

روپا : سر (Sir)

سڪندر : ڪيئن آهين؟

روپا : ويري فائين سر (Very Fine Sir)

سڪندر : اڙي پئي اها سر سر جي اپاڌي پاڻکي پسند ناهي مونسين ته ڪاليج ۾ مان ليڪچرار آهيان ۽ تون سال کن ايڪانامڪس جو سبجيڪٽ منهنجي ڪلاس ۾ پڙهي هئينءَ، پر انهيءَ جو اهو مطلب ته ناهي ته سڄي ڄمار تون مونکي سر ئي ڪوٺيندي رهين.

روپا : ڇا چوان؟

سڪندر : ناليءَ سان سڏ ڪر. منهنجي نالي جي خبر اٿئي نه؟ سڪندر ساڃاڻي.

روپا : او. ڪي. سر، هن ڪانپوءِ سر، مان توهان کي سر، سڪندر سر، منهنجو مطلب آهي سڪندر ساڃاڻي سر....

سڪندر : (روپا جيئن ڳالهائي ٿي ته سڪندر ٽهڪ ڏيندي وچ وچ ۾ چوندس ٿو) ويري سر.... ويري سر.... ويري اوهو (ويري ٽهڪ ڏيندو رهي ٿو) ڇڱو ڇڏ انهن ڳالهين کي. ڀلا ٻڌاءِ ته سهين اڄ هت ساڙهي سينٽر ۾ پئي ڏسجين؟

روپا : ڇا ڪجي. ساڙهين جي پسندي ته مونکي ئي ڪرڻي آهي نه.

سڪندر : ! ساڙهين جي پسندي! ڇو ڀلا، انهن ئي ڇٽڪ ٻڍن کن ساڙهيون پسند ڪرڻيون اٿئي.

روپا : ٻڍن کن ته گهٽ ۾ گهٽ کپنديون ٿي.

ته موڪلجانءِ.

روپا : (اندران ئي) هائو بابا.

(ٻاهر ۾ ڪار جي کڙڪڻ جو آواز ٻڌڻ لڳي ٿو. ڪولي چانهه پاڻي کڻي اچي رکيو آهي)

نيڀنداس : هيٺ رک. هن ٽپائيءَ تي. کڻي سيٺ گوڙومل توهان لاءِ کڻو ديوان اشوڪ ڪمار.

گوڙومل : اسانکي هينئر ناشتي پاڻيءَ جو ڪم ناهي.

نيڀنداس : سائين اهو وري ڪهڙو ٿيندو؟

گوڙومل : نه نه سيٺ نيڀنداس! ذرا به ڪم ناهي.

نيڀنداس : ڪڏهن ٿي پوندو. اهو نه ته ٿورو سڪو ميوو ئي سهي، ڪجهه ته کائو نه.

گوڙومل : سائين توهان چئو ٿا ته کڻي ٿا کڻون، ورنه ڪم ته بنهه ڪونهي.

نيڀنداس : (ڌيءَ کي) اچ ڌيءَ روپا! اچ هيٺ اچي ويهه.

(گوڙومل ۽ اشوڪ کي) سائين هيءَ اٿو منهنجي نياڻي روپا.

روپا : (شرمائجي) نمستي.

گوڙومل / اشوڪ : (ٻئي گڏ) نمستي.

اشوڪ : (پاسي ۾) واهه ڇا ته سونهن آهي، ڄڻڪ پريءَ جو ٻچو.

گوڙومل : (پاسي ۾ اشوڪ کي) ڇورا! ائين هڪدم هرڪو هارائيندين ته ڏي وٺ ۾ ڪس لڳندي. سمجهئين نه.

اشوڪ : (پاسي ۾) سمجهيم.

گوڙومل : (روپا کي) ڌيئڙي تنهنجو نالو ڇاهي؟

روپا : (شرمائجي) روپا.

گوڙومل : ڪهڙا درجا پڙهيل آهين؟

نيڀنداس : سائين! منهنجي نياڻي جيتري سونهن ۾ سرس آهي، اوتري ئي پڙهائيءَ ۾ به نمبر اول هميشه فرسٽ ڪلاس ۾ ايندي آهي. هن سال بي. اي. فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي اٿائين.

گوڙومل : ڏاڍو سٺو، ڏاڍو سٺو.

نيڀنداس : منهنجو ويچار آهي ته ڇوڪرو ۽ ڇوڪري هت پاڻ ۾ ڳالهائين، پاڻ هلي ٿا ٻئي ڪمري ۾ ڳالهيون ٻولهيون ڪريون.

گوڙومل : ڀلي.

(نيڀنداس ۽ گوڙومل ٻئي ڪمري ۾ وڃن ٿا)

اشوڪ : (گلو صاف ڪندي) ڇا نالو ٻڌايئه؟.... روپا.... هيڏي آءٌ.... منهنجي ڀر ۾ اچي ويهه.... نه ايندينءَ؟.... ڀلو مان ئي ٿو اچان.... (ويجهو ايندي) ڇا ته سندر ٿي آهي.... جهڙو نالو تهڙو ئي روپ.... تنهنجي هڪ جهلڪ ڏسڻ سان ئي منهنجو من موهجي پيو آهي.... روپا! ڳالهائين ڇو نٿي؟ شرمائجين ڇو ٿي؟.... روپا! مان ته توکي پسند آهيان نه.... چئه.... ڪجهه ته چئه.

روپا : ڇا چوان؟

آئي آهي. ڏٺي ٻه لک ڏيو ڏيڻا ڪري سمجهي ٿو. ٻيو مان ٿيو اڃا ٻه ڏيانس ٻل ڏٺي ڏورو اڃا مٿي چڙهي. سمجهيو ٿو.

سيتل ماءُ: ابا! هي اهڙا ماڻڪن جا سودا آهن. سٺي خاندان جي سلڇڻي ڇوڪري ملي پوي. سمجهه لک ڪٽيءَ.

گوڏو مل: (کلندي) ها ها. سٺي امير گهراڻي جي لڇمي سروپ ڇوڪري ڪٽيءَ جا ٿيو ته ڏه ايائي ٽي لک. ته اڄ جي زماني ۾ مرن جيئن (کلندي) سمجهيو ٿو.

سيتل ماءُ: (کلندي) جي ايائي ٽن لکن جي طلب ڏيو ڪرين ته نياڻيءَ کي ٻه اڀرو ٽي....

گوڏو مل: (اڌ ۾ سيتل ماءُ جي ڳالهه ڪٽيندي) اسان واپاري ماڻهو آهيون سمجهين ٿي؟ نفعي کانسواءِ ڪوبه ڪم نه ڪريون سمجهين ٿي. جيتري ۾ شيءِ وٺون اوتري ۾ وڪڻون ته ٻوءِ پيٽگوئي پي ٻر.

سيتل ماءُ: ابا گوڏو! مان وري ٻه ٽي چوان ته مٿي مانئي اهڙا ماڻڪن جو سودو آهي. اڄي واپاري درشٽي ته ٻر دل جو ناتو جوڙيو آهي. سٺي خاندان جي سلڇڻي ڇوڪري ملي پوي ته سمجهه لک ڪٽيءَ.

گوڏو مل: هاڻي ڇڏ مائي ڪهڙيون صحيح ساڃهه آسرو ٿو ناڻيون. سڪيون ڳالهيون ڪيڏي وڏي آهن.

(سنگيت جي سرن سان سين جو بدلجڻ)

....

گوڏو مل: ابا اشوڪ!

اشوڪ: (ٻاهران ڪمري مان) آيس بابا.... (ويجهو ايندي) چئو بابا.

گوڏو مل: ڏس پٽ! مٿي نگرواري سيٺ ٽيڪمداس وٽان چٺي آئي آهي، لکيو اٿائين ته اچي ڇوڪري نظر مان ڪڍو باقي ڳالهيون روبرو ڪنداسين، سمجهين ٿو.

اشوڪ: ڀلي بابا.

گوڏو مل: پٽ پوءِ ڪڏهن هلون ڀلا؟

اشوڪ: (ڪجهه سوچي) ايندڙ آرتوار تي.

گوڏو مل: ٺيڪ آهي. مان ڏٽن کي اڄ ئي اهڙو احوال لکي ٿو موڪليان.

(سنگيت جي سرن سان سين جو بدلجڻ)

....

ٽيڪمداس: اچو سيٺ گوڏو مل، اچو ديوان اشوڪ ڪمار. اچو سائين ڀلي آيا.

گوڏو مل: سيٺ ٽيڪمداس! توهان خوش باش چاڪ چڱا ڀلا راضي ٻرشن.

ٽيڪمداس: سائين پرڀوءَ جي ديا سان سڀ آنند آهي. توهان ڪيئن؟ خوش چاڪ پرشن راضي، ٻار ٻچا، پاڙو اوڙو.

گوڏو مل: سڀ خوش.

ٽيڪمداس: شال خوش.... اچو سائين هن پاسي صوفا تي سولا ٿي وهو.... (ڌيءَ کي سڏي ٿو) ڌيءَ روپا!

روپا: (اندران ئي) آئي بابا.

ٽيڪمداس: ڌيئڙي! مهمانن لاءِ ناشتو پاڻي

ٻٽل استقبال

ليکڪ: ولهرام ڪشناڻي (ڳانڌيڌام)

ڪردار

سيتل ماءُ - پوڙهي عورت
گوڏومل - وچولي عمر جو مرد
اشوڪ - گوڏومل جو پٽ
سکديو - گوڏومل جو ناٺي
روپا - نوجوان ڇوڪري
نيڀنداس - روپا جو پيءُ

سيتل ماءُ: ابا گوڏو! واڌايون هجنئي. ٻڌو اٿم تہ نياڻي نرملا کي مڱائي آيو آهين.

گوڏومل: اڄ اڄ امڙ سيتل ماءُ! توهان کي پنهنجون واڌايون.

سيتل ماءُ: ڪٿان جا آهن توهانجا سيڻ؟

گوڏومل: سنڌ ۾ روهڙيءَ جا، هيٺئر احمدآباد ۾ رهندا آهن.

سيتل ماءُ: ڏٺين جو ڪهڙو ڪاروبار آهي.

گوڏومل: ڪپڙي جو ڌنڌو اٿن. گهر ڪپڙ نگر ۾. ڏاڍا ڀلا ماڻهو آهن.

سيتل ماءُ: ڇوڪرو بہ ٻيءَ سان گڏ هٿ تي وهندو آهي يا نہ؟

گوڏومل: نہ نہ هٿ تي نہ وهي. ڇوڪرو پڙهيل لکيل آهي ۽ ڪاليج ۾ ليڪچرار آهي.

سيتل ماءُ: شڪل شبيہ ۾ پنهنجي نرملا سان ميل کائيندڙ آهي يان....؟

گوڏومل: ڏاڍو لاهوڪو ۽ سانوڻو جوان آهي. سچ ٿو چوان سيتل ماءُ، اهڙا گهر ڀاڳن سان ملندا آهن.

سيتل ماءُ: ڀلا ڏي وٺ؟

گوڏومل: ڪابہ ڳالهہ ڪانهي. ڏٺين کي ساڻن جو ڏنو سڀڪي آهي. سٺو واپار، رهڻ لاءِ عاليشان بنگلو.

سيتل ماءُ: تہ بہ اشاري ۾ ڪجهہ تہ ڳالهہ هوندي. انهن بہ ٿئي جو پوءِ ڪندا نہ ڪرن.

گوڏومل: تون ڄاڻين ٿي گوڏو ڪهڙو ماڻهو آهي. ڏٺين برابر ڪنهن بہ قسم جي ڳالهہ نہ ٿي ڪرڻ چاهي. ڇاڻون توهان کان ڪجي ڳجهي سو ڏجو تہ بہ سون تہ اشاري ۾ ٻڌائي ٿي ڇڏيو مان تہ آءٌ ڏاجي ۾ چار چوڙيون، هڪ اڪڙي ۽ ٻہ منڊيون ڏيندس.

سيتل ماءُ: ڀلو ڪيو. هاڻي اڳو پوءِ ڪري اشوڪ کي بہ مڱائي پوءِ ڌيءُ ۽ پٽ جو وهانءُ گڏ ڀيڄاڻم (ڪليندي) هڪڙو ئي پٽ ڪجاڻم.

گوڏومل: امان سيتل ماءُ! منهنجي اشوڪ لاءِ ماڳين جي ڪا کوٽ. اڇا ڪالهہ مٺي نگر جي سيٺ نيڀنداس جي نياڻيءَ جي آءٌ

چاهي پئي پوءِ اهو سوچي ته چور ڀڄي نه وڃي، هن رڙ نه ڪئي. ان ڪانپوءِ هن سوچيو ته، چور کي رنگيل هٿن سان پڪڙڻ لاءِ ڇو نه اِي ڪا اٽڪل ڪجي. پوءِ ڪجهه سوچي، هن تيز قدمن سان هلڻ شروع ڪيو. پوءِ تڪڙو تڪڙو ڳوٺ جي ڪن همت وارن مردن کي اٿاري ترت ئي واپس آيو. بئنڪ اندر اڃا به چرپر چالو هئي.

ٿوريءَ دير ۾ بئنڪ جي ٻاهران چڱائي ماڻهو ڪٺا ٿي ويا. ڪنهن جي هٿ ۾ لٺ هئي ته ڪنهن جي هٿ ۾ ڏنڊو. ڪنهن جي هٿ ۾ پائيپ هو ته ڪنهن جي هٿ ۾ هاڪي. مطلب ته هرڪو ئي تيار ٿي بيٺو هو ته جيئن چور ٻاهر نڪري ته چوڌاري مٿانئس ٽِڪ ٽُوٽا ٿي وڃي. پر چور به اندر ڪو وڏو پروگرام ٺاهي ويٺو هو، جو ٻاهر ئي نه ٿيو نڪري. ٻاهر ماڻهن جي سس پس چالو هئي.

ان وقت ڳامون پهريدار آهستي چيو، ”يارو، بئنڪ جي مئنيجر کي ڇو نه سڏي اچجي ته هوُ اچي بئنڪ جو دروازو کولي.“ سڀئي شامل راءِ ٿيا ته ڳامون ڀڄو بئنڪ جي مئنيجر وٽ. بئنڪ جو مئنيجر انهيءَ ڳوٺ ۾ رهندو هو. بئنڪ جي مئنيجر کي ننڊ مان اٿاري، چابين سميت پاڻ سان گڏ وٺي آيو. مئنيجر اکيون مهٽيندي اٿي اچي پڇيو. چيائين، ”ڪٿي آهي چور؟“

ڳامونءَ چيو. ”مئنيجر صاحب، چور توهان جي بئنڪ ۾ بند آهي. کولهو چابيءَ سان دروازو ۽ ڪيو ملاقات چور سان.“

بئنڪ جو دروازو کولڻ لاءِ مئنيجر اڳتي وڌيو ته سڀ ساوڌان ٿي بيٺا. بئنڪ جي جڳهه کي چوڌاري گهيرو ڪيو ويو. جيئن چور ڪٿان به ڀڄي ته سندس ٽنگون ڀڃي ٽڪر ڪجن.

آخر بئنڪ جو دروازو کليو.

جيئن ئي دروازو کليو ته اندران هڪ ڪتو، ٽپ ڏئي ٻاهر نڪتو. مارا ته اهو چور ڪتو هو، جنهن سڄي ڳوٺ کي آلي ڪنو ڪيو هو.

ٿيو هيئن هو، جو انهيءَ ڏينهن شام جو آفيس بند ڪرڻ کان اڳ، اهو ڪتو ڪو اندر وڃي ويٺو هو جنهنجي ڪنهنکي به خبر نه پئي هئي ۽ ائين اهو ڪتو اندر پورجي ويو هو. سڀني کي کل اچي وئي ۽ کلندي کلندي گهر هليا ويا. ويچاري پهريدار جي هيڏي محنت اجائي وئي.

”ساڻي“

هوءَ اڃا لتا پاڻي
اسر ويلي،
نڪاڻي ۾،
ستمگر ۾ ويندي هئي،
پاڻ کي ساڻي سڏائيندي هئي.
شام جو سج لهڻ کان پوءِ
خونخوار لوُمڙي بڻجي
آدم جي رت سان
هٿ رڱيندي هئي.

ويدا شرنگي

چور پڪڙجي پيو

هوندراج بلواڻي

ڳوٺ ۾ پهرو ڏيندڙ گامون پهريدار جڏهن گهٽين جا چڪر لڳائي مکيه رستي تي آيو ته ڪنهن جڳهه جي اندران ايندڙ آواز ٻڌي يڪدم بيهجي ويو. گامون اُن ڳوٺ جو جهونو ۽ وفادار پهريدار هو. چور هن کان ڪنبڻ ڪانئيندا هئا. هنجي هوندي ڪنهن به چور کي ڳوٺ ۾ گهڙڻ جي همت نه ٿيندي هئي. ڳوٺ جا ماڻهو انهيءَ ڪري گامونءَ کي پائيندا هئا.

آواز ٻڌي گامونءَ پنهنجا ڪن وڌيڪ سرلا ڪيا ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهاري اهو پتو لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي ته اهو آواز ڪٿان پئي آيو. مکيه رستي تي هڪ بئنڪ جي آفيس هئي. هن يڪدم اندازو لڳائي ورتو ته اهو آواز انهيءَ بئنڪ واريءَ جڳهه مان پئي آيو. هن کي سمجهڻ ۾ دير نه لڳي ته پڪ ئي پڪ ڪوئي چور انهيءَ بئنڪ ۾ گهسيو آهي ۽ بئنڪ کي لٽڻ ٿو چاهي.

گامونءَ پنهنجي لنبي مڇن تي هٿ گهمايو ۽ پنهنجي لٺ کي اڃا مضبوط پڪڙيو، ڄڻڪ چور سندس سامهون اچي ويو هجي!

هو ٿورو اڳتي وڌي بئنڪ واريءَ جاءِ وٽ آيو.

هينئر هن کي بئنڪ اندر ڪنهن ماڻهوءَ جي هلڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ان کان پوءِ فائيل، ڪرسيون ۽ ٻيون شيون ڪرڻ جا آواز به اچڻ لڳا.

گامون سوچڻ لڳو ته چور کي پڪڙڻ لاءِ ڇا ڪجي؟ پهرين ته هن رڙ ڪري چور کي ٻاهر نڪري اچڻ لاءِ للڪار ڪرڻ

ڳڻڻ لڳا.

ڪيڏي بي وسي!

سچ چوندا آهن: "انسان ٻڌو آهي ته لک جو. ڪريو ته ڪک جو."

شوڀا جو هردو ڏک وچان چوُر چوُر ٿي ويو. هوءَ سوچڻ لڳي: نه ڄاڻ هوُ ڇا ٿو چوڻ چاهي. انهي سمي نه ڄاڻ سندس اندر ۾ ڪهڙي هل چل آهي.... ڪهڙي جدوجهد آهي. پر هوءَ ڪري به ڇا ٿي سگهي!....

شوڀا سندس اکين جا ڳوڙها اگهندي پهاڙ ٿي، مٺي آواز ۾ چيو، "چئو اوم.... اوم.... اوم."

مڪيش هڪ پل لاءِ شوڀا ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ پل اکيون ٻوٽي ڇڏيائين. ان وقت پاڙي مان ٽيپ رڪارڊر تي ڀڄن جو آواز اچي رهيو هو.

سنسار ته ڇڏڻو آ- هيءَ ريت پراڻي آ،
زندگي ڀلي چاهي ڀلا کن پل جي ڪهاڻي آ.

اٽري چانديءَ جي وزن جيترو ڏن دان ۾
ڏيڻ سان ٻه ڦل جي ساڳي ئي پراڻي ٿيندي."

چاچيءَ جي صلاح سان ٻارهان هزار رپيا
نقد ۽ اڌ هڪ ڪلو وزن واري چانديءَ
جي ڳانءِ کيس دان ۾ ڏني وئي.

يوگيراج جي چهري جو رنگ متجي ويو.
پوءِ ٻه يوگيراج مٽهن تي مرڪ آڻي چيو،
"هاڻي منهنجو ڪم پورو ٿيو. ٻچڻ جي
ٻه اچ سمايتي ئي آهي. پرڀو جي مهر سان
هي پيارو ٻه رفتہ رفتہ ٺيڪ ٿي ويندو.
مونکي ٻه آئي گهڻيئي ڏينهن ٿي ويا آهن.
هينئر تائين هردوار ۾ مون ڪانسواءِ پوڄا ٿي
وئي هوندي. هاڻي مان توهان کان رخصت
وٺڻ ٿو چاهيان. اوم جو جاپ ڪندا رهجو.
گيتا جو پاٺ ڪري ٻچڙي کي سون جو
پاڻي ڪاڙهي روز پيئاريندا رهجو."

شوڀا ۽ راجيش کيس وڌاءِ ڪرڻ لاءِ
مڪت ڪئي. پر يوگيراج وڌاءِ آئي. رڪڻ
لاءِ تيار نہ ٿيو. راجيش کيس دهليءَ واري
گاڏيءَ ۾ فرسٽ ڪلاس ڪمپارٽمينٽ ۾
ويهاري ميٺاون ۽ ميوا ڏيئي چاڙهي آيو.

راجيش گهر موٽيو تہ گهر جي حالت
بگڙيل ڏٺائين. مڪيش جي حالت تمام
خراب هئي. سندس زبان بند ٿي وئي
هئي. ٽنگون ۽ ٻانهون ڪم ڪرڻ کان جواب
ڏيئي بيٺيون هيون. شوڀا ٻٽ کي ڏسي
چنبڙي اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. هي
ڪن جو ڪن ۾ ڪهڙو ڪيل ٿي ويو!

مڪيش کي اسپتال ۾ کڻائي وڃڻ لاءِ
امبولينس اچي وئي. پر مڪيش اسپتال
وڃڻ کان انڪار ڪيو. گهر ۾ ئي گلوڪوس
۽ ٿيوب چاڙهيا ويا. پر حالت ويئي ٻي
نازڪ ٿيندي.

مڪيش جي نظرون مان اڏنديا صاف
صاف پئي لڳي.

شوڀا چائو ٿي تہ سندس پڇاڙيءَ جو
وقت اچي پهتو آهي.

شوڀا پنهنجو پاڻ تي ضابطو رکي ڪانئس
پڇيو، "ڪجهہ چوڻ ٿا چاهيو؟"

هن ڪنڌ سان "ها" ڪئي.

شوڀا ٻاڦون وجهان پڇيس، "پنڪيءَ
جي شاديءَ جي چنتا اٿو؟"

هن هلڪو ڪنڌ ڌوڻيو.

شوڀا وري ڏيري سان پڇيو، "راجيش
جي پڙهائيءَ جي اوڻ اٿو؟"

هن ناڪار ڪئي.

شوڀا ويچار ۾ پئجي وئي. ڪن رکي وري
پڇيائين، "تڏهن ٻڪريءَ جو فڪر اٿو؟"

هن نہ ڪئي.

"منهنجو اونو اٿو؟" شوڀا جو آواز
لرزي ويو.

هن وري ڪنڌ ڌوڻيو.

"تڏهن ڇا ٿا چوڻ چاهيو؟" شوڀا
جي آواز ۾ درد هو.

هن ٻي وسيءَ وچان ڏانهس نهاريو.

شوڀا وري مٺڙي آواز ۾ پڇيس،
"ڪنهن جو انتظار اٿو؟.... ڪنهن سان
ملڻ ٿا چاهيو؟"

هن وري "نہ" ڪئي.

"تڏهن ڇا ٿا چوڻ چاهيو؟ شوڀا کان
سڏڪو نڪري ويو.

مڪيش جي اکين مان ٽاهہ ٽاهہ ڳوڙها

ٻهڙوئي هڪ ڏينهن ٻاپوهه، وڃان مڪيش کي چيو، "مڪيش، تون پڙهيل ڳڙهيل شخص آهين. تون خود حالتن کان واقف آهين. تون ڄاڻين ٿو ته...." هڪ ڪن لاءِ هو چپ ٿي ويو. پوءِ وري هٻڪندي هٻڪندي چيائين، "شوڀا ۽ ٻارن جي ڀلائيءَ لاءِ مان توکي صلاح ڏيندس ته...." ٻهڙو ٻيو وري ماٺ ٿي ويو.

مڪيش ڏانهن نهاريو.

پيٽوٺي ساهس ڪري ڪجهه ڪاغذ ڏانهن وڌائيندي چيو، "........ هن ڪورٽ ڪاغذن تي تون جيڪر صحيح ڪرين." پوءِ وري مٺي آواز ۾ چيائين، "مڪيش، وقت سڀني کي سياڻو ڪندو آهي. هن وقت تون پنهنجي دل تي ڪو به بار نه ڪر."

يوگراج جي اچڻ کانپوءِ مڪيش جي من ۾ به، ڪجهه ڪجهه جيئڻ جي آس جاڳي هئي.... ۽ من ئي من ۾ مٺ ٻاس به پاسي هئي ته جي هو زنده رهيو ته چار ئي ڏام ڪري ايندو. پر پوءِ به ڀيا ڪنهن آناڪاني جي هن سڀ ڪاغذ صحيح ڪرڻ بعد ڪيس محسوس ٿيو ته هو ڏاڍو ٿڪجي پيو هو.

....

جيئن جيئن ڏينهن گذرندو ٿي ويو، تيئن مڪيش جي اکين ۾ شوڀا ۽ ٻارن لاءِ موهه وڌندو ٿي ويو. هڪ منٽ به هو ڪين اکين کان اوجهل ٿيڻ نه ڏيندو هو. ڪنهن ڪنهن وقت سڀني کان اکيون چورائي ڪٿانهين ڏانهن به نهاريندو هو.... باقي ڇهه ڏينهن. جڏهن پندرهن ڏينهن پورا ٿيا ته مڪيش کي لڳو ته يوگراج جي پرتاپ سان هن موت تي جيت پاتي آهي. ڪال ديوتا سندس دروازي جو ڪڙو کڙڪائي واپس موٽي ويو آهي. اهڙو سوچيندي سندس اندر ۾ پل اچي ويو. سندس مرڻهگ چهرو چمڪي پيو. هن شوڀا کي چيو، "شوڀا، اڄ ڪمري ٻوري ڪاڻ تي دل ٿي آهي" هن جي شرير ۾ سچ پچ ڦڙتي اچي وئي ۽ هو وهاڻن جي آڌار تي اٿي ويٺو. پين ته اٿين پانيو ته سچ پچ هن مهاڀوگيءَ جي يوگ ڪارڻ ئي اهو چمتڪار ٿيو آهي.

شوڀا جهٽ رنڌڻي ۾ وڃي پنهنجي هٿن سان ڪمرٽي پوري تيار ڪري کڻي آئي ۽ پوري ڪمريءَ ۾ اوڙي ڳهي ڳهي ڪري ڪيس کارائڻ لڳي. کارائڻ وقت پنهنجي اکين مان ڳوڙهن جون ڌارائون پئي وهيون.

يوگراج چيو، "اڄ شڀ ڏينهن آهي. انهيءَ شڀ ڏينهن تي چانديءَ جي ڳاڻ مڪيش کان هٿ لڳائي دان ڪرايو."

راجيش جلد ئي ڪلو کن وزن جي چانديءَ جي ڳاڻ وٺي آيو. يوگراج ناراض ٿيندي چيو، "هيڏي وڏي بيماريءَ جي دان ۾ هيڏڙي ننڍڙي ڳاڻ."

شوڀا هٿ جوڙي وينتي ڪئي، "نه نه پرڀو، توهين ئي ٻڌايو ته ڪيتري وزن جي ڳاڻ هجي؟"

يوگراج چيو، "اهو سڀ توهانجي شرڌا تي آهي. پر گهٽ ۾ گهٽ ڏهه ڪلو چانديءَ جي وزن جيتري هجي."

راجيش چيو، "پر مهراج، ايتري وزن جي ڳاڻ به شايد ئي ملي سگهي."

يوگراج مشڪي چيو، "اياڻو آهين پٽ،

۽ ٻارن مٿان چٺ وچ ڪري. هو سڀ ٻاهر موٽي آيا.

مڪيش جو پيٽرو نامبارو ڊاڪٽر هو. ڊاڪٽر پيٽروني جي ڪري اسپتال ۾ سڀ سهوليتون ڪين مليون. بيماريءَ ٿي پيسو پاڻيءَ وانگر هاريو ويو. لڳاتار ٿي مهينا مڪيش اسپتال ۾ رهيو. سڀني ڄاتو ٿي ته هن ڪهڙي بيماريءَ مان بچڻ مشڪل آهي. ڊاڪٽرن جو ويچار هو ته هاڻي ته هو شايد ٿي ڪجهه ڏينهن ڪڍي سگهي. مڪيش جي ڪن ٿي به اهو پڪو پيو. هن گهر وڃڻ لاءِ ضد ٻڌو. چيائين ته مرڻو ئي آهي ته هو پنهنجي گهر ۾ ئي مرڻ پسند ڪندو. سندس ضد اڳيان سڀني کي هار مڃڻي پيئي ۽ کيس گهر ڪٺائي آيا. پيٽروني جي ڪري گهر ۾ به سندس اسپتال جهڙي سنڀال ٿيڻ لڳي. ڏينهن رات لاءِ نرس بيٺي هئي. ضرورت جي وقت لاءِ آڪسيجن وغيره جو به پورو بندوبست هو.

گهر موٽڻ کانپوءِ مڪيش جي چاچي شوبا کي چيو: هردوار ۾ هڪڙو يوگيراج آهي. هو ڪرامتن جو ڌڻي آهي. ۽ ڄاڻ هن ڪيترن کي نئين جيون ڏني آهي. ڪير ڄاڻي ته ڪنهن جي هٿن جي شفا سان مڪيش چڱو ڀلو ٿي پوي.

ٻڏندڙ لاءِ تر جو به سهارو ڪافي آهي. شوڀا چيس، ”آزمائڻ ۾ حرج ٿي ڪهڙو آهي. توهين بلاشڪ کيس گهرائڻ جو بندوبست ڪريو.“

يوگيراج کي هوائي جهاز جي رستي گهرايو ويو.

يوگيراج مڪيش کي ڏٺو سندس پوري هسٽري پڇيائون. يوگيراج دعوا ڪئي ته هو مڪيش کي هن بيماريءَ مان مڪت ڪرائي سگهندو. سندس هڪ ئي شرط هو ته سندس جپ تپ، پاٺ پوڄا ۾ سندن ڪابه دست اندازي ڪانه رهندي.

مڪيش جو گهر وڏو هو. ڪابه دقت ڪانه هئي. هڪ طرف ڊاڪٽرن جون دوائون چالو هيون ۽ ٻئي طرف گهر جي وڏي هال ۾ ٻارهن پنڊت جپ ڪندا رهندا هئا. چوويهه ئي ڪلاڪ جپ پيو هلندو هو. اهو جپ پندرهن ڏينهن هلڻو هو. روز ان جپ جو پاڻي سڀي سون ۾ ڪاڙهي مريض کي پياريو ويندو هو. هڪڙا پنڊت اٿندا هئا ته ٻيا ويهندا هئا. سارو ڏينهن يگيه پيو هلندو هو. سيرا پوريون، مال پوڙا ۽ پڪوان پنڊت کائي خوش ٿي آسيس ڪندا ويندا هئا.

هڪ پاسي يگيه چالو هو ۽ ٻئي پاسي ڊاڪٽر پيٽروني لاءِ هڪ هڪ ڏينهن ڀاري ٿيندو ٿي ويو. هن جو پنڊتن ۽ جپن تپن ۾ ڪو به وشواس ڪونه هو. هن ڄاتو ٿي ته نازڪ گهڙي نزديڪ ايندي پئي وئي. پر هن شوڀا جي وشواس کي ٽوڙڻ نٿي چاهيو. يوگيراج جي دعويٰ هئي ته هو کيس بچائيندو ۽ ڊاڪٽرن جو ويچار هو ته هو لاچار ڏهه، پندرهن ڏينهن مس ڪڍي سگهندو. شوڀا اميد ۽ نااميديءَ جي وچ ۾ غوطا پئي کاڌا. هر وقت پرارٿنا پئي ڪيائين ته شل ڊاڪٽر غلط ثابت ٿين ۽ يوگيراج جو نسخو ثاب پوي.

وقت جي نزاڪت کي سمجهي ڊاڪٽر

پڙهن لاءِ درليپ ٿي ويا آهيو جو انهيءَ پاڻي
دوج جهڙي ڀلائي ڪيس ماڻيا هئا. اُن ڪري
رنو هئائين. پر توهين اهو سڀ سمجهي
ڪونه سگهندا. توهانکي هاڻي اهي سوڪم
پار سمجهڻ لاءِ نه وقت آهي ۽ نه اڪيون."

مڪيش سڄي پڄ ناراض ٿي ويو. خفي
ٿيندي چيائين، "توهانجا اهي زنانا ناز
نخرا پاڻ پڙهان يا ڏيڍو ڪريان؟ ڪمايان
ٿو ته ڪنهن لاءِ؟ توهان لاءِ ٿي نه؟ شادي
ڪئي هئيسين، سو فيڊرڙي جام ۾ رهندا
هئاسين. اڄ اسانکي پنهنجو بنگلو آهي.
پنهنجون ٻه موٽرون، اٺون ڊرائيور سميت.
گهر ۾ سک جا سڀ ساڌن موجود آهن. ٻار
ٻئي نامياري اسڪول ۾ پڙهندا آهن. ڪنهن
ڳالهه جي ڪمي پئجي آئي؟ رات ڏينهن وانگر
رکيو اٿم توکي. ڪڏهن به پوڻ نه ڏنو اٿم
توهان سڀني کي ۽ ٻين زالن کي ڏس ته ڇا
نٿو ڪرڻو پوين. پئسڪ ۾ بيهود وڃن ته
ڀاهر اندر رلن به بيهود ڪن .... ته ڀارن جي
انڊميشن جي پٺيان ڏينهن جا ڏينهن ڊوڙن.
هٿين پئسو ڦٽيڪ ۽ تماشو ڏس. گهر وارا
سڀ ٿيو وڃن. پوءِ به پيٽي ڪر ڪين."

مڪيش اڄ ٿورو پيو ڏاڍي پڪوان
کائي آيو ڪڙو ٿيو، چيائين، "بس ٿيت
ڪرڇي ويو."

شوڀا چيس، "اڳي ته چار چار پڪوان
کائي ويندا هئا."

مڪيش چيو، "وڏيڪ اندر نٿو وڃي.
ڳرو ٿيو لڳي. پنهنجي وارن ڏانهن اشارو
ڪندي چيائين، "ڏسين نٿي ته مٿي ۾ اڇا
اچي ويا آهن. هاڻي مان بزرگ ٿيندو
پيو وڃان."

شوڀا من ۾ سوچيو، "اهو ٿي ته
ڇوڪ ٿي چاهيان ته توهين پنهنجي صحت
جو خيال رکيو. ڏسان ڪاڏهن وڃي ته
ڏينهون ڏينهن توهانجو هاضمو گهٽجندو پيو
وڃي. لهڪارجندا پيا وڃو. بلڊ پريشر به
وڌيل ٿي ويو رهي. ۽ اهو سڀ هوندي هن
وقت، ڪيس چئي نه سگهي ۽ ملڪ ميٽ ۾
جوتيون پاتيون ڪٺي رنڌڻي ڏانهن هلي وئي.

شوڀا ۽ مڪيش جي زندگيءَ جي هن،
"پڇاڙي سالي نوجا" شروع ٿي هئي. اڄ
پنڪي پندرهان سال پورا ڪيا هئا ۽ راجيش
به ويهن سالن جو هو. هن پڇاڙي سالي نوجا
مطابق راجيش کي ودياس ۾ وڏيڪ پڙهڻ
لاءِ موڪلڻ جو بندوبست ٿي رهيو هو.
سنڌن نئڪڙي ڏينهون ڏينهن آسمان کي
ڇهڻ لڳي هئي. ڪم جو دٻاءُ مڪيش جي
ڪلهن تي گهڻو وڌي ويو هو. ٤٥ ورهين
۾ ٿي ٿڪل ۽ مرجهايل پيو لڳندو هو.
باقي به ايائي سال، پوءِ راجيش پڙهائي
پوري ڪري اچي سنڌس پانهن ٿي
پيهندو ۽ پوءِ آرام ڪري سگهندو.

....

راجيش جي پرديش اسهڻ کان اڳ
پنهنجي ممائيءَ کي وٺي دهرادون گهمڻ
ويو. مسوريءَ به وڃو هون. اتان دهرادون
۾ آئي چار ڏينهن مس ٿيا هئن ته مڪيش
کي مٿي ۾ چڪر اچڻ لڳا هئا. هر وقت
الٽيءَ جو خيال ۽ اکين اڳيان اونداهه رو.
ڊاڪٽري جاچڻ (Tests) ڪرائڻ ڪين رپورٽ
ملي ته مڪيش کي بلڊ ڪئنسر آهي. شوڀا

سان گڏ ڏهه ڪيئين ڪري شوڀا جي ٽريءَ تي رکندي چيو، "هاڻي ڪُڙ-ڪل گهڻيون ڪيئيون ٿيون؟" اچڪاهه مڪيش کي عجيب جذُون چڙهيل هو ڀنهنجي ڌيءَ ڀنڪيءَ لاءِ ڪيئيون ڪٺيون ڪرڻ جو. سندس خواهش هئي ته هوُ ڀنڪيءَ جي شاديءَ ۾ هرهڪ ٻاراتيءَ کي هڪ هڪ ڪيئي ڏيندو.

شوڀا کڻي ٿيندي چيس، "نه چاڻان توهانکي ڪهڙي خفت اچي ڪئي آهي. ڀنڪي اڃان ڏهن سالن جي مس آهي."

مڪيش نيرن لاءِ ميز تي ويهندي چيو، "پنج سالي پوجنا مٿهم. اسانجي ڀنڪيءَ جي شاديءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه اپائي سوءِ ٻراتي هوندا ني. آهستي آهستي ڪٺيون ڪندس، ته ڏهن ورهين اندر ڪيئيون ڪٺيون ٿينديون."

"۽ هڪ ڏينهن انهن سڀني قاعدي ڪيئين رکڻ جي ڏوهه ۾ لاڪپ پيا هوندا." شوڀا ناراضپو ڏيکاريندي چيو؛

مڪيش کلندي چيو، "اڳيئن زماني جي راجائن مهاراجائن وانگر ڀنهنجي محل ۾ هڪڙو تهخانو ٺهرائيندس. انهيءَ ۾ ڀنڪيءَ جو سمورو ڏهيج جو سامان رکندس. ماڪوڙيءَ کان وٺي هاٿيءَ تائين .... ۽ اي پنج سالي پوجنا ۾ ...."

مڪيش ڀڪوان دال کائيندي ڀنهنجي ڌن ۾ چوندو رهيو، "....۽ پنج سالي پوجنا ۾ وري راجيش کي ٻاهر پڙهڻ لاءِ موڪليندس. راجيش جي نالي هڪ ٻي فئڪٽري وجهندس ...." کن رکي اُتساهه وچان چيائين، "رکه مالڪ ٿي شوڀا. فئڪٽري ڏينهون پوءِ زور پوندي ايٿي وڃي. ڏسج ته تمهنجو مڪيش ڪٿي ٿو پهچي. هڪ ڏينهن سڄ به تمهنجي پٺيءَ کي سلام ڪندو.

شوڀا ذرا گهيرو ٿي چيس، "هاڻي سپنا لهڻ بند ڪريو. لهي اچو ڌرتيءَ تي. پڌو، راجيش جي هن سال پرسينٽيج سٺي ڪانه آئي آهي. ڪاليج ۾ الائي اڊميشن ملندي ڪي نه. ڪيترو مٿس مٿو ماريندي رهندي هيس ته هن سال پڙهائيءَ تي وڌيڪ ڌيان ڏي. پر ڪيس ڀنهنجي يارن دوستن مان فرصت ملي نه. توهين به ضرورت کان وڌيڪ خرچي ڏيئي ڪاريندا رهيا آهيو."

مڪيش چيو، "هاڻي ڏوراپا ختم ٿيا يا باقي ڪجهه رهيل آهن؟ هيءَ عمر اُٿس موج مستي ڪرڻ جي. وڏو ٿيندو ته مون جيان ئي فئڪٽريءَ ۾ ڪيٿو پيو هوندو. نه ڏينهن جي سڌ رهندي پس نه رات جي. تو وانگر سندس ڪنوار به جتائيندي رهندي پس: ڪنهن سان شادي ڪئي اٿم. پيئين چيئن سان يا زيورن ۽ ساڙهين سان؟ ...."

شوڀا رسندي چيو، "اهو ئي ته روئڻو آهي. لکه ڪروڙ ڪمائي ڇا ڪندا؟ مهل تي ماني به نصيب نه ٿئي. اڃان گرهه مس کائو ته فون .... سڄو ڪاڌو ٺري ڦلهه ٿيو وڃي." پوءِ ڏوراپو ڏيندي چيائين، "ڪنهن ساهڙي دوست يا مٽ مائٽ وٽ هلڻ لاءِ به وقت نه هجي. گهڻا مهنا ٿي ويا اُئو پنڻ وٽ هلئي؟ ڀڃاڙيءَ جو پائي دوج تي وٽس هليا هئا."

شوڀا چيو، "توهانجي قسمتي سو ڪڙي ڏسي ڪانه رنو هئائين. پر توهين اهڙا ته

منسار نه چڏڻو آ

تارا ميرچنداڻي

شوڀا اڄ پهريون ڀيرو پنهنجي پتيءَ جي اڻ لڳي خرچ تان ناراض ٿيندي چيو، "سون ساڙهيون اڳيئي ڪٻٽ ۾ پيون ليڪن – منع ڪرڻ تي به وري چار ساڙهيون ٻيون به وٺي آيا آهيو.... ۽ سي به اهڙيون قيمتي. هر روز الڳ الڳ پرنٽ جي ساڙهي پايان- تڏهن مس وڃي سال ۾ هڪ ڀيرو اها ساڳي ساڙهي پائڻ جو وارو ايندو آهي. شل نه توهين شهر کان ٻاهر وڃو. اصل ٻيڻيون ڀري ايندا."

مڪيش کي سڌ هئي ته شوڀا ڀلي ٻاهران ڪجهه به چوي، پر سندس اندر ۾ هن وقت مور نچندا هوندا. سندس پٺ ورائڻ تي ئي هوءَ آئيني جي اڳيان وڃي ويهندي ۽ هڪ هڪ ساڙهي پنهنجي بدن تي ورائي ڏسندي ته هوءَ ڪيئن ٿي لڳي. مڪيش طنز ڀريو مرڪندي چيو، "چڱو ميم صاحب، ٻئي ڀيري اهڙي ڀل نه ڪندس."

شوڀا ساڙهيون پنهنجي ٻانهن ۾ سوگهيون جهليندي چيو، "ٺيڪ ٿيو." ۽ پوءِ چيائين، "هاڻي جهٽ هٿ منهن ڌوئي اچو. نيرن تيار آهي توهانجي من پسند نيرن دال ۽ پڪوان."

مڪيش جڏهن به دوري تان موٽندو هو ته چاهيندو هو ته سندس گهر ۾ پهريون ويلو، جي صبح هجي ته دال ۽ پڪوان ۽ جي رات هجي ته کيرڻي پوري، نيرن تي وهڻ کان اڳ مڪيش بيگ، مان، ٻئي سامان

يعني واچون اتان گهرائڻ به بي قاعدي هيون، ڪسٽم ڊيوٽي کان به بچڻو هو ۽ اڪثر واپارين جو وڪرو به لڪي ڇپي ڪرڻو هو.

اڄ رات ٿي وئي، مونکي ننڊ نه آئي، اندر ۾ جو "سپاهي" ويٺو هو چوويهه ئي ڪلاڪ جاڳندو رهي ٿو، ان مون کان پڇيو "ڇا تون ائين ڪمائڻ لاءِ وويڪ کي ماري سگهندين. سڄو وقت سرڪاري اڌڪارين کان بچندو رهندين. ۽ جي ڪڏهن پڪڙجي پوين ته پوءِ؟"

صبح ٿيو، چانهه پيئڻ وقت هن واپاري دوست پڇيو "ڀلا ڇا فيصلو ڪيئه؟"

"نه يار! پاڻ کان اهو نه ٿيندو...." مون جواب ڏنو.

هو دوست ناراض ٿي ويو ۽ ٻئي ڏينهن تي اسين واپس ڀارت ڏانهن موٽياسين. هو سڌو دهلي هليو ويو ۽ مان بمبئي هليو آيس، ۽ ان ڳالهه تي واپاري دوستي ٽٽي پئي.

شڪريه

مان دوست ڏانهن نهاريندي چيو. "تون خيال نه ڪر. مان توسان آهيان نه؟" هـن اتي ئي بيٺي چيو.

مان ڇهني جوان جـي پٺيان، جنهن جي هٿ ۾ واڪي-ٽاڪي هئي ۽ ڪمر ۾ پستول پيل هوس، ايئرپورٽ جي حاطي کي لتاڙي ڪنڊ ۾ ٺهيل ڪمري ڏانهن وٺي هليو. جنهن نموني هو رباب رکندي ڌرتيءَ ٺـي آواز ڪندي ور ور ڪـري مونتي نـگـاهه رکندي، هلندو ٿي رهيو. آس پاس ماڻهن جو ميڙاڪو ٿي ٿيندو ويـو. ائين ٿي لـڳو ڄڻ مـان ڪـو اپـراڌي هوس ۽ سڄو سوڊو پڪڙجي پيو هوس.

ڪمري جـي ٻاهران وڏيـون بندوقون کڻي پوليس بيٺي هئي. اندر سيٺي آفيسرن کي ورديءَ سان گـڏ پستول هئا.

ان وقت مـون کـي ائين لـڳـو، جيئن ١٩٦٢ ۾ چيـنائـي پارٽ جـي مٿـان هندي چيني پاڻي پوندي ڪاهي آيـا هئا.

Remove your shirt and pant هڪ چيني آفيسر رڙ ڪندي چيو.

مـان پسينو پسينو ٿـي ويس. ڪو بـه ٻڌائڻ وارو ڪونه هو ۽ نه ئي ڪو هنن کي سمجھائڻ وارو هو. پرديس ۾ نه مٽ نه مائٽ، نه دوست جي ائڊريس. منهنجي چڱي طرح تلاشي ورتي ويئي. ڪيس ڪجهه به اهڙو نه مليو، جنهن جـي شڪ ۾ هـي مونکي پڪڙي آيا هئا.

Sorry You may Go پوءِ آفيسر پاسپورٽ واپس ڏيندي چيو.

پاسپورٽ واپس وٺڻ ڪانپوءِ همٿ رکي ڪانڊس پڇيم "هي سڀ ڇو" جواب ڏنائون "هي شڪ ۾ چيڪ اپ ڪئيسين. مٿان تو ڪا نشيدار شيءِ پارٽ مان آندي هجي." اسين ائين ڪنهن نـه ڪنهن مسافـر جـي جهڙتي وٺندا آهيون.

ان وقت پنهنجو ديش مهان لـڳو. جتي ڪڏهن به، ڪٿي به، ڪنهن آناڪاني کان سواءِ گهمي ٿو سگهجي.

هوٽـل ۾ پهچي، پچا ڪرڻ تي سڌ پئي ته اهي ئي ٽي آفيسر برابر ان ئي هوٽل ۾ رهيل هئا ۽ هڪ ڏينهن اڳـه ئي آيل هئا. پئي ڏينهن ٽئين انهـن آفيسرن سان ڪئيسين ۽ جڏهن مـون کين هانگ ڪانگ جـي ان پارٽيءَ جـي واقفيت ڏنـي، هنن هڪ ئي لفظ ۾ ڳالهه کي ٽاري ڇڏيو ته هتي ان پارٽيءَ جون واچون ۽ ڪيس ڏنا آهن ۽ کين پسند ڪونهن. اسان جـا هوائـي قلعا ان وقت ئي اڇيو پٽ پيا.

پئي ڏينهن منهنجو واپاري دوست صبح کان وٺي ئـي اڪيلو ڪيڏانهن هليو ويـو هو. شام جو هڪ رٽا کڻي آيـو ان موجب اسان پنهي کي پائيواريءَ ۾ چار لـک روپيه ڪيڻا هئا ۽ هن جو دوست اسان کي بمبئي ۾ بـي قاعدي واچون موڪليندو رهي ها ۽ جيڪي واچون وڪڻي مـون کـي ڏهلي موڪليون پـون هـا ۽ هو منهنجو واپاري دوست ڏهلي ۾ رهي واچون وڪڻي ها ۽ ڪمائيءَ ۾ اڌو اڌ. سامهون تـه برابر ڪمائي هر هڪ واچ تي گهٽ ۾ گهٽ ڇاليهه روپيه ڏسڻ ۾ آئي ٿي پر سڀ ڪم بي قاعدي هو. ان وقت واچن جو امپورٽ بند هو.

سپاهي

ٺاڪر چاولا

1963 جو سال هو. دهليءَ ۾ مان واپاري
دوست جو فون آيو، ڇهائين هانگ ڪانگ
هلندين، اتي H.M.T. واچ فئڪٽريءَ جا وڏا
آفيسر تنهن ڇهن ڏينهن ۾ وڃي رهيا آهن ۽
واچن جون مشينون ۽ ڪيس وغيره گهٽ
انداز ۾ خريد ڪرڻ وارا آهن. تون سندن
ڪي سهائين، پڇا ڪر ته اهي ڪڏهن ڪٿا
اتي پهچن ۽ ڪهڙي هوٽل ۾ ٽڪا رهن. هيلو!
هي موقعو هٿ مان نه وڃائڻ گهرجي.
منهنجو هڪ ماڻهو اتي واچن ۽ واچ ڪيسن
جو ڪم ڪندو آهي. هن کان جي H.M.T.
وارا خريد ڪن ته اسان پنهنجي ڪي ڪميشن
ملي سگهندي. مون کي به اها صلاح سمجهه
۾ آئي. ٽرنڪ ڪال ڪري پڇا ڪيم.
برابر تي آفيسر هانگ ڪانگ وڃي رهيا
هئا. سهائپ هڻڻ ڪري هڪ آفيسر فلائيٽ
نمبر به ٻڌايو ۽ هوٽل جو نالو به. هو
ڪولون ايريا ۾ لهڻا هئا، جتي سندن جا
ٽي گهٽا دڪان ۽ آفيسون آهن.

دهليءَ فون ڪري ان واپاري دوست
سان ڏينهن مقرر ڪيم. هو دهليءَ مان آيو
۽ اسين ٻئي پهريون ڀيرو ڀارت کان ٻاهر
وڃي رهيا هئاسين. هو منهنجي سهاري هلي
رهيو هو ۽ سچ ته مان هن جي سهاري.
جڏهن وقت ايئرپورٽ تي وڃڻ جو وقت
تيو آسمان ۾ زور زور سان گجگوڙ ٿيڻ
لڳي ۽ دل جي ڌڙڪڻ ڪي تيز ڪندي
رهي. پر ان وقت ٻڌڻ مان ڪو به فائدو
نه هو. هانگ ڪانگ ۾ پهچڻ سان لڳي
پيو، ان سوڌي مان وڏي ڪمائي ڪري
سگهندي، ان ڪي موج ۾ ايئرپورٽ پهتاسين.
ڪائونٽر تي ٽڪيٽ ڏيکارڻ تي خبر پئي،
اسانجون ٽڪيٽون ڪنفرم نه هيون،
جيتوڻيڪ اهي ٽڪيٽون واقفڪار ڪان
ورتيون هيون ۽ پوءِ انهن لکيو هن تي
او. ڪي. ڪري ڏنيون هيون. مس ڇهنائي
جا اسان جي پرسان رهندي آهي پريان
شايد ڏٺو، ايپان وڌي آئي ۽ چارٽ ۾ اسان
جا نالا نه ڏسي، اندر وڏي آفيسر وٽ وئي
۽ اسان جون ٽڪيٽون confirm ڪرائي آئي.
هانگ ڪانگ جهاز پهچي ويو. ايڏو وڏو
ايئرپورٽ ڏسي. مون کان ته ڇرڪ نڪري
ويو. هر هڪ ٽڪڙو ٽڪڙو پنهنجو سامان
سنڀاليندي هلندو ٿي رهيو.

ڪسٽم ڪائونٽر تي پاسپورٽ ڏيکاريم
مس، ته اتي جو چيف جوان آفيسر چيو
"follow me" منهنجي رت جو داب وڌي
ويو. پنهنجان نهاريم منهنجو واپاري دوست
پاسپورٽ ڏيکاري ٻاهر نڪتو هو. "پيار
هي وري ڇا آهي؟ ڪيڏانهن ٿو وٺي وڃي؟

شري هري دلگير کي هڪ لک روپيا اِنعام

انڊس انڊ فائونڊيشن پاران سنڌي ساهت ۾ ڪيل شهڪارن لاءِ ڏنو ويندو

بمبئي: اڄ ڪيل پڌرائيءَ موجب انڊس انڊ فائونڊيشن سنڌي ساهت ۽ سڀيتڪ سرگرمين لاءِ 26 لک روپيا پاسيرو ڪري وياج تي رکيل آهن ۽ اُن وياج مان دادا آر. جي. آڏواڻي جي پريس پڌرائيءَ موجب ۽ قائم ڪيل ٻن صلاحڪارن (شري منگهارام ملڪاڻي ۽ شري ٺاڪر چاولا) جي صلاح موجب هن سال انڊس انڊ اوارڊ هڪ لک روپيا سنڌين جي عظيم شاعر شري هري درياڻي "دلگير" کي ڏنو ويندو.

ڀارت مان آيل درخواستن مان (بمبئي، سنڌو نگر، اجمير، رائپور ۽ احمد آباد) جي 9 ليکڪن ۽ ليکڪائن جي چونڊيل سنڌي ڪتابن لاءِ 50 هزار روپيا مدد ڏيڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو آهي.

دادا هري دلگير گجرات سنڌي اڪادميءَ جو هن وقت چيئرمين آهي.

دادا آر. جي. آڏواڻي، منگهارام ۽ شري ٺاڪر چاولا کي ڌنيواد هجي.

★

غزل

- واسديو "نرمل" (بمبئي)

١

١- ليڪ تہ ڪڍندي غم جي رات،
ڇانئي آهي سک جي پرڀات.
٢- جيئڻ تہ گانڌي لمومبا جو
مري بہ جي نہ ٿين ٿا مات.
٣- ڪير ٿو ٻئي جا سُور سٺي،
هر ڪنهن کي پنهنجي فڪرات.
٤- تارا ٽم ٽم ڪون ٿا ڪن،
ٻار پيا ڪن هائي هات.
٥- اَڄ سنڌي ٻوليءَ جا ٻول
جڳ کو دور لڳوي پيو لات.
٦- شاعري ڪٿ ۽ "نرمل" ڪٿ!
ڪنهن ڪنهن تي وڄ ڪري ٿي ڏات.

٢

١- مونکي ڪنهن سان نہ حقارت آهي
۽ نڪا ڪنهن سان محبت آهي.
٢- ايڏو دل غم ۾ ٿي آهي مصرُوف
ٿورو مرڪڻ جي بہ فرصت ناهي.
٣- آهہ، گل ۾ بہ نزاڪت پنهنجي
نازنين ۾ ٿي نزاڪت ناهي.
٤- هت جهنم تہ گهڻا آهن، پر هو
هن جهان ۾ ڇو ڪو جنت ناهي؟
٥- ڪُوڙ دل کي تہ وٺي ٿو "نرمل"
سچ چوڻ جي بہ تہ همت ناهي.

ڪاشيرام ۽ مايا وتي جهڙا نڪري نروار ٿيا آهن ته راڄنيتيءَ ۾ انهن جو قدر ٿيو آهي. اهو ضروري ڪونهي ته بلڪل انهن وانگر اسان جي نيتي هجي. پر انومان ته ڪجي ته. لاڳاپي ۽ تعداد جي اوسار سرڪار ۾ اسان کي حصو ملڻ کپي. اسان وٽ اهڙا لائق، محنتي نيتا آهن. راڄيه سڀا جو آزاد ميمبر شري سريش ڪيسواڻي ان ڏس ۾ پاڻ پتوڙي پيو. ضرورت آهي ته ان سان گڏ ڪي ٻيا به شامل ٿين. اسان سنڌين کي راڄنيتي حق حاصل ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌڻو پوندو ضرورت پوي ودان موجب ڪي سخت قدم کڻڻا پوندا نه ته ڏاندن جي لڙائيءَ ۾ اسين لتاڙجي ويندا سين.

تازو جوڌپور جي سميلن ۾ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا جي نيتائن شري ڪيرت، مالهي، جيٺس اندرسين، ڀانو پرتاپ شاستري، سريش ڪيسواڻي ۽ ٻين به اهڙا خيال کليءَ طور ظاهر ڪيا. انهن ويچارن کي عملي جامو پهرائڻ جو جلد قدم کڻي ڪا راڄنيتي حقن لاءِ پارٽي ٺاهي وڃي ان ۾ جن جڳهن تي سنڌي سٺي تعداد ۾ رهن ٿا، اُتان جي ڪن نيتائن کي شامل ڪيو وڃي ان جو پرچار پڻ زوردار ڪيو وڃي. ملڪ جو راڄنيتي ماحول اهڙو آهي. لوڪ سڀا ۽ ڪن پرانتن ۾ جلد عام چونڊون ٿيڻ جو گهڻو امڪان آهي. جي پاڻ جاڳنداسين ۽ ڪجهه ڪنداسين ته ڪجهه ملندو. نه ملي ته وڙهڻو پوندو. آواز ۾ دم هوندو ته. اسان ٻهمت تي ووٽن جو اُپيوڳ ڪنداسين ته راڄنيتي پارٽين جا ليڊر اسان وٽ پاڻ کهي ايندا ته اسان کي ڇا کپي؟ اچو ته سجاڳ ٿي هڪ ٿيون.

راڌا ڪرشن عالمچنداڻي
مکيه سمپادڪ

١٩٩٧-١٢-٣١

ڪاجل ڪبولراماڻيءَ کي ساري گما ۾ سريشٽ گائڪا

اوارد عنايت

تازو ٽي "جي" ٽي. وي. تي هر سومر تي اينڊ ٽي. وي. ايس. ساري گاما فائينل چئمپينشپءَ ۾ ڪاجل کي شاندار ڪاميابي ملي ٽي. وي. ايس. ساري گاما هڪ بيحد ئي مشهور ۽ تعليم پرايت ماهر نون گائڪن لاءِ هڪ پروگرام آهي. جنهن ۾ ڀارت ڀر مان نوان اُڀرندڙ سٺا سٺا ۽ چونڊ گائڪ ٿي ڀاڱو وٺي سگهندا آهن. اهڙي پروگرام ۾ ڀاڱي وٺندڙ طور موقعو ملڻ به هڪ ڪاميابي ليکجي آهي پر جيڪڏهن ان جي فائينل ۾ ڪا سنڌي گائڪا بهترين گائڪا جو خطاب کٽي ته پوءِ سنڌين لاءِ اها ڳالهه فخر واري ليکجي وڃي ۽ چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ ڪونهي جو تمام گهڻي لگن، محنت سان اهو عزت وارو خطاب ڪاجل حاصل ڪري سنڌين جو نالو روشن ڪيو. هن پروگرام جو جج هو مشهور فلمي ۽ غير فلمي ڳائڪ جڳجيت سنگهه ۽ هن پروگرام جو سنچالن مشهور فلمي گائڪ سونو نگم ڪيو. ان لاءِ ڪاجل کي تمام گهڻيون واڌايون. ڪريون ٿا اميد ته ڪاجل هڪ بهتر ڪلاڪار طور اڳيان اچي هڪ ماهر ۽ قابل گائڪ طور پنهنجو استان ٻين ٻولين ۾ به مضبوط ڪري.

تا. سرڪاري قانونن جو پالن ڪريون ٿا ٽڪسون ڏيون ٿا، ملڪ جي وفاداري ۾ پورو حصو وٺون ٿا پوءِ به جي واجبي حق سنڌي ڪي ملن ٿا ان لاءِ به پاڻ اٿڻو ٿو پوي، ٿي ته سنڌي جي سلامتي لاءِ در در ڀٽڪڻو ٿو پوي. تازو ٻڙودي ۾ سنڌين جا پراڻا دڪان ڊاهيا ويا. اجمير ۾ ڌرم اسٿل ڊاهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ڪو پڇڻ وارو ڪونه هو. جن پارٽين کي اسان ووٽ ڏيون، چندا ڏيون اهو به اڻڄاتو ڪن. شاهوڪار پنهنجو ڪم ڏئي وٺي پورو ڪرائين. پر وچون ۽ هيٺيون طبقو پيو ڌڪا کائي.

ڪي ٿورا سنڌي راجنيتي پارٽين ۾ چڙهيل به آهن، ڪي سٺن پدن تي به آهن اهي چون اسان پنهنجي پارٽيءَ جي نيمن تي هلنداسين جن اسانکي چونڊيو آهي انهن جو پورو خيال رکنداسين. جڏهن اسان ملڪ جا رهواسي ٿي ڪونه آهيون. اڄ جاتي واد ۽ پرانت واد جو زور آهي. هرڪو لوڪ سڀا اسيمبلي جو ميمبر پنهنجي پرڳڻي، پنهنجي پارٽيءَ يا جاتيءَ لاءِ ذميوار آهي. اڄ ماڻهوءَ جي ايمانداري ۽ محنت جو قدر گهٽ آهي هو گهڻا ووٽ ڏياري سگهي ٿو گهڻو چندو ڪٺو ڪري سگهي ٿو اهو لائق ميمبر وڃي ٿو ۽ ڪابه پارٽي ان کي پنهنجي ٽڪيٽ چونڊن ۾ ڏئي ٿي.

اسين سنڌي آهيون ته، تعداد ۾ چڱا، حساب سان لوڪ سڀا ۾ اسانجا پنج يا ڇهه ميمبر هجڻ کپن پر لوڪ سڀا ۾ هڪ به ميمبر ڪونهي ڇو جو ڪنهن به هنڌ اسان ايتري تعداد ۾ آهيون ڪونه لوڪ جو سڀا جي سيٽ جيتي سگهون. ڪي جڳهون آهن جيئن مهاراشٽر ۾ الهاس نگر، گجرات ۾ احمد آباد، راجستان ۾ اجمير وغيره. اتي الڳ الڳ پارٽين ۾ هجڻ ڪري اسانجا ووٽ ورهائجي ٿا وڃن جي ڪو سنڌي اسيمبلي ميمبر چونڊجي به آيو ته ان کي وري ڊپ ٿيندو ته پارٽيءَ وارا ائين نه چون ته سنڌين سان پاسخاطري ٿو ڪري، پاڻ سنڌين کان پيو منهن لڪائيندو. اسانجو لعل ڪرشڻ آڏواڻي صاحب تي فخر به آهي ته هو هڪ وڏي پارٽيءَ جو ليڊر آهي پر هن سڄڻ کي به سنڌين لاءِ ڪجهه ڇوڙڻ وٽندو ڪونهي. الائي ڇو. پوءِ ان گنڀير مسئلي جو حل ڪهڙو؟

حل آهي جيئن اسان ساهتيه جي ڪيتر ۾ ڪي اڪيل پارٽيه سنستائون ٺاهيون آهن. گهٽ نه ته به ٿورائي ساهتيه جي ڪيتر ۾ پاڻ موکيو آهي. سرڪاري مدد به ملي ٿي ان طرح راجنيتيءَ جي ڪيتر ۾ به ڪا سنستا ٺهڻ ضروري. ڪي اٿر وارا سنڌي هر پرڳڻي مان ڪٺا ٿين جي سنڌين جي راجنيتي حقن لاءِ ڪم ڪشين. پلي سنڌين جي راجنيتي پارٽي حال نه ٺهي، پر اهي اٿر وارا سنڌي اهو ته ڪري سگهن ٿا پنهنجي پرڳڻي، پنهنجي نگر جي سنڌي نگرواسين کي ڪٺو ڪري ائين زور ڏين ته سنڌي ووٽ ان پارٽيءَ کي ملندا جا پارٽي ڪجهه سنڌين کي چونڊن ۾ ٽڪيٽون ڏيندي ۽ سنڌين جي واجبي حقن کي ڏيارڻدي ۽ انهن جي سلامتيءَ لاءِ يتن ڪندي. جيئن دلت جاتي جاڳي آهي. پنهنجي ووٽن جي اهميت سمجهي آهي انهن جا ڪي ليڊا

ڀرپا ٿيل- ١٩٥٩

سنڌي گلشن

(ٽماهي ادبي مخزن)

انڪ ١٢٣ آڪٽوبر، نومبر، ڊسمبر ١٩٩٧

★ چندو ★

	لکنئو	ٻاهر	ولايت
سالياني	٤٠ رپيا	٥٠ رپيا	٢٥٠ رپيا
ٽن سالن لاءِ	٧٥ رپيا	٩٠ رپيا	٤٥٠ رپيا
لائيف ميمبر	٤٠٠ رپيا	٥٠٠ رپيا	٢٠٠٠ رپيا

پتو:- ١٣، چار باغ مارڪيٽ،
لکنئو - ٢٢٦٠١٩ فون : 450877

Cover Design : Creative Poinf Lucknow

سمپادڪيه

اسين سنڌي ۽ راڄنيتي

اڄ جيون جي هر حصي ۾ راڄنيتيءَ جو دخل آهي. اسين چاهيون نه چاهيون راڄنيتي پنهنجو اثر اسانجي روزاني زندگيءَ تي ڇڏي ويٺي آهي. اسان جي ملڪ ۾ پرجا تنتر آهي ان لاءِ راڄنيتيءَ کان واقف ٿيڻ هر ديس واسيءَ جو فرض آهي. جي اسان کي ڪامياب جيون گذارڻو آهي ته پنهنجا فرض ۽ حق ڄاڻڻا آهن. فقط ڄاڻڻ سان به ڪم نه هلندو فرض نڀائڻا آهن ۽ حق حاصل ڪرڻا آهن ۽ انهن جي سلامتي به رکڻي آهي ان لاءِ راڄنيتي ۽ خاص طور اڄ جي راڄنيتيءَ ۾ دلچسپي وٺڻي پوندي ۽ ان ۾ ڀاڱو به وٺڻو پوندو نه ته اسانجي وجود (هستي) ۽ ڪارگذاريءَ کي خطرو اچي سگهي ٿو.

اسين سنڌي رواجي طرح راڄنيتيءَ ۾ حصو نه وٺندا آهيون ۽ ان معاملي ۾ ڪجهه اناڙي به آهيون. ملڪ ۽ پرديش ۾ ڪنهن پارٽيءَ جو راڄ آهي ان سان خاص مطلب نه رکندا آهيون نتيجو پيسي جي حالت ۾ ڪجهه ٺيڪ هوندي به اسان ملڪ ۾ ٻئي درجي جا ناگرڪ ڳڻيا ويندا آهيون. نه اسانکي پنهنجو پرڳڻو آهي نه ودان سڀائن لوڪ سڀا ۾ اسانجا عوضي آهن. جي اسان جي دکن سکن کي سرڪار اڳيان پيش ڪن. مصيبتون اچن ڪو دانهن ٻڌڻ وارو ڪونهي نتيجو بيوس ٿيو رهون. پنهنجي محنت سان جو ڪمايو اٿئون اهو به سلامت ڪونهي. پنهنجا فرض اسين سنڌي ٻڌو ڀي نڀايون

سنڌي گلشن

दीपावली मंगलमय हो



सिन्धी लोक कला जी हिक झलक

Chief Editor :
Radhakishin Alamchandani
M.A.L.T.

Editor :
Dr. Shivanand Mamtan[illegible]
B A.LL.B., B.M.S[illegible]